جديد سنڌي شاعرن جو ڪلام

# جديد شعراءِ سنڌي

10

مرتب


يار محمد مسلم ٿانوري


قيمت هڪ روپيو

(۱۹٦۴ع)


ملڻ جو هنڌ

مڪتبهءِ فروغِ ادب ـ ڪندن اسٽريٽ ڪراچي ۲

(مطبوعہ: انجمن پریس کراچی)

# سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوک وهي ، تون لوچو وه لويار

## صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي


Cell No: 0344 3919786
0300 3404488



”ایاز“ قادري

عبدالرزاق ”راز“

حليم ”جوش“

رشيد لاشاري

لعل محمد "لعل"

علي محمد "مجروح"

"راز" دلہ ائی

احمد خان "آصف"

محمد امین "فہیم"

"عصمت" انصاري

"فیض" کنڈ کوتی

"محسن" ککڑائی

يار محمد تانوي "مسلم"



"محبوب" سروري

"مسڪين" سرشاري

محمد حسن "ساز"



محمد حسین "آتش"

"فدا" بجاراٹی



محمد حسن "سالم"

"سرور" کیف

"شاڪر" سرشاري



محمد هاشم "لهر"

"مريد" جوڻيجو

"مظهر" سيوهاڻي

"نشتر" ناٿن شاهي

غلام رسول "راز"

"اميد" خيرپوري

عبدالڪريم "پلي"

مير محمد "ميرل"

"عابد" جوکيو

پليڊنو "ٻهتر"

"اشرف" پورڙائي

## شيخ محمد ابراهيم خليل

رخ تي پيو اڄ نقاب ڇو آهي
وصل جي شب ۾ حجاب ڇو آهي

بزم ۾ مون کي اڄڻ کان ٽوڙو ڪين
غير ٿيو بارياب ڇو آهي

آهه روا جو بهشت ۾ زاهد
منع هتي سو شراب ڇو آهي

هون جذهن اعتبار وعدي جو
قلب ۾ پوءِ اضطراب ڇو آهي

مون تي گهٽو لطف تنهنجو هو پهرين
هاڻ ٿي اک پر عذاب ڇو آهي

ختم ٿيو هو جنون جي مجنون تي
مون کي مليو هي خطاب ڇو آهي

جرم ٿيو ڇا خليل عاصي کان
شرم کان اڄ آب ڇو آهي

## عبدالڪريم گدائي

جي بگڙيو مقدر سنواري ڇڏيو سين
سڄو وقت ڪلنڊين گذاري ڇڏيو سين

ڏسي ديس وارن جي بيچارگيءَ کي
سڄو سور پنهنجو وساري ڇڏيو سين

ڏيو زندگيءَ جو وساميو ته ڇا ٿيو
هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيو سين

سمايو جڏهن درد انسان دل ۾
غمِ عشقِ جانان وساري ڇڏيو سين

سڙي دل جي مکڙي جي ويئي ته ڇا غم
جهان جو نه گلشن سنواري ڇڏيو سين

وڙهي تند موجن ۾ طوفان سان همدم
وڃي نيٺ ٻيڙو ڪناري ڇڏيو سين

سفر زندگيءَ جو ڪٺن هو گدائي
بهر طور گذريو گذاري ڇڏيو سين

Soorih Mirani

## الحاج سيّد ميران محمّد شاهِ ميَران

مِٺي مون سان ڪئي مرڪي مقال آهسته آهسته
مَٺئين منجهه منت سڀ منهن جا مَلال آهسته آهسته

منجهان ميخاني پي مئي مست ٿي موٽيو هو سو منور
رُخش گلگون اکيون ارڌي ٿيون لال آهسته آهسته

سند مسرم جڏهين ڪيو خمر خوشرنگ ڪوا نٿر تنهنجو
ڪيو سڪ جو سڀا جهي ڪي سوال آهسته آهسته

نهارڻ سان نهوڙي ناز مان دلبر نيو دل ڪي،
جڏهن غمزو ڪيائين جئن غزال آهسته آهسته

وڇوڙي بعد ورهن جي مليو وجهه وصل جو آخر
پيو ڪو خوب خاصي ڪي خيال آهسته آهسته

حسد کان ويو سڙي ڪامي رقيب روسيه تنهن دم
جڏهين جاني ڏنم وعدهٔ وصال آهسته آهسته

نه پرواه آهه ميَران کي رقيبن ۽ رذيلن جي
فقط جاني پسائي جي جمال آهسته آهسته

## حافظ محمّد احسن چنه

خاڪِ وطن تان منهنجي هئي جان نثار آهي
يادِ وطن ئي دل جي تي غمگسار آهي

آبِ روان وطن جو آبِ حيات آهي
خارِ وطن به مون لئه چڻ شاخسار آهي

رنگِ وطن ته موتي، خاڪ وطن تي سوني
يادِ وطن معطرِ مشڪبار آهي

حُبِّ وطن ته منهنجي دل ۾ تي موجزن آ
ذڪرِ وطن زبان تي ليل و نهار آهي

زرخيز ملڪ منهنجو زردار ملڪ منهنجو
مفلس غريب جي لئه آذار يار آهي

چاڪِ مان جنهن وطن ۾ نپس ماجنهن وطن ۾
ان جي ئي دل ۾ الفت نت پائدار آهي

شانِ وطن ۾ جيڪي احسن زبان مان نڪتو
حبِ وطن جو بهتر سو يادگار آهي

## شيخ عبدالله عبد

هجر ۾ آه و فغان اي دلِ ناشاد نه ڪر ،
لطف الفت جو اهو آهه ته فرياد نه ڪر.

مرحبا ، ذوقِ خرابي ، سندءِ بربادئَ تي
ياخدا ، عشق جي ويرانه کي آباد نه ڪر.

حسرتون ، درد ۽ ارمان منهنجي دل ۾ تا رهن
ها ۽ ، هن خانهءِ آباد کي برباد نه ڪر !

ڏس ، متان اي دلِ نادان ، هو ناراض نٿئي
هن جي اِگيان تون ڪو ذڪرِ قدِ شمشاد نه ڪر

عشق ۾ دوري ۽ خسرو ڪان بلند آهه بلند ،
عاشقن وٽ ڪا ثنا خواني ۽ فرهاد نه ڪر.

يار جي جور و جفا جي هي شڪايت ڇو عبد
ظلم سهه ظلم ، مگر شڪوهِ بيداد نه ڪر

## رئيس ضياءالدين ضيا

ٿيندو بهار ۾ خزان گلزار پاڪستان ۾
گل ڪان ٿئي شل ڪين بلبل ڌار پاڪستان ۾

شل باغبان راغب هجي، خندان رهي گلشن سدا
متجي وڃن هر راه مان سڀ خار پاڪستان ۾

غائب ٿئي ڪوهيڙو چمڪي شمس تابان شان سان
سڀ پهچي منزل جا پهن هڪ يار پاڪستان ۾

انصار سان جت ڪئي مهاجرين محبت ۾ پڇهن
آباد ۽ دلشاد ٿي، سي يار پاڪستان ۾

سڀ ملڪ جا ماڻهو هجن هڪ راه تي گڏ گامزن
ثابت ٿين چو آستين جا مار، پاڪستان ۾

ظلمات جي هودور ۾ ظاهر ضيا مظلوم پر
هن جي لهج سيد سپاه نون سار پاڪستان ۾

# عطا محمّد حامي

جا بجا جلوه نما جانِ جهان رهجي ويو
نام خاطر لامڪان ان جو مڪان رهجي ويو

باغِ عالم ۾ گهلي وئي سو بسو بادِ بهار
گلشنِ اسلام ۾ وقفِ خزان رهجي ويو

جوش وحشت ۾ فقط هڪڙو قدم اُڀتي ترِيس
پوئتي سو ڪوه مونکان ڪاروان رهجي ويو

باغ باني جي عيوض تي روز پائمالي ملي
قبضهٔ گلچين ۾ پنهنجو گلستان رهجي ويو

خوابِ غفلت مان سڀي دنيا وئي بيدار ٿي
خيرپور وارن مٿان خوابِ گران رهجي ويو

بخل ۽ اسراف واري زندگي بيڪار آهه
خوش رهيو جيڪو بنهين جي درميان رهجي ويو

مال و دولت جا مزا ماڻيان ٿي جن حامي مدام
بي سروسامان انهن جو خاندان رهجي ويو

## لطف الله بدوي

المناڪ آ ۽ الم انگيز آهي ۽ داستانِ دل
نه پڇ مون کان لٽايم ڪئن متاعِ ڪاروانِ دل

شعورِ زندگاني کي جنون جي راھ ۾ ڏيئي
وڃايم عشق جي شوريده منزل ۾ نشانِ دل

رهيو انديشهٔ امروز فردا ڪينڪي باقي
ٿيو ويران آ جنهن وقت کان منهنجو جهانِ دل

هوائي عشق زنجيرِ سڪون کي آڪيو پاره
مبارڪ آ شبِ فرقت ۾ هي آه و فغانِ دل

وري اُن آتشِ سيّال جو پُر جام ائي ساقي!
ڪپي ٿو ڪنج تنهائيءَ ۾ مون کي رازدانِ دل

جنون جي راه ۾ خارِ مغيلان رهنمائي ڪئي
بڻيو چاڪ گريبان هن سفر ۾ پاسبانِ دل

خيالِ يار، داغِ هجر، اشڪِ چشم سي گڏجي
پڇن ٿا ماجرائي غم، ٻڌايان ڇا بيانِ دل

## غلام محمد گرامي

نواءِ دل کي سوز ڏي، دل وجگر فگار ڪر
وداعِ داغ دل سندا، جهان کي لاله زار ڪر

فروغ گل به بي ثبات، جامِ گل به بي فروغ
تنهن تي پنهنجي شاعريءَ کي ڪين بي وقار ڪر

ڪلام دلنشين هجي، ۽ دل به بايقين هجي،
تہ خود بہ بيقرار کي پيا بہ بيقرار ڪر

خزان ڏسي اي نغمه خوان، ڪجي نہ ناله و فغان
خزان کي رنگِ نوبهار ڏي ۽ نوبهار ڪر

جمالِ حسن کي ڏسي، جلالِ زندگي نہ ڇڏ
ڪمالِ بندگي ڏي وڌ، خودي نہ داغدار ڪر

خودي ۾ ٿيو خدا نهان، خدا ۾ ٿي خودي عيان
خوديءَ کي آشڪار ڪر، خدا کي آشڪار ڪر

تو سچ چوان لڳيئي نہ مچ، گرامي ميڙ ڪين ڪچ
گهر شناس جي مٿان، دل ونظر نثار ڪر

## محمّد خان غنيؔ

عشق آهي هڪ اُهو ايام خاص،
زندگي ٿئي وقف غم آرام خاص.

ڪجھ ڪشش ڪئي يار جي آهي نگاهه
پر ڪنيو مون پاڻ تي الزام خاص

اڄ لڳايو پير تي مينديءَ کي يار
آهه منهنجي موت جو پيغام خاص

مون کي هو منظور آداب جنون
يار ڇو ٿي هاءِ ويو بدنام خاص

مئي سان شامل ڏي ڪري عڪسِ نگاهه
جو ڪندو مدهوش اهڙو جام خاص

منهنجي رحلت سان کُلي ڪنهنجي زبان
تو ڪري بيمارِ غم آرام خاص

جو اچي ٿو زلف دلبر جو خيال
دل غنيءَ جي لاءِ آهي دام خاص

## شيخ اياز

حاصلِ عمر زار موٽي آ
عشق ناڪرده ڪار موٽي آ

زندگي آ اداس شامِ خزان
اي گلِ نوبهار موٽي آ

منزلِ شوق ٿورو اڳتي آهه
۽ همت نه هار موٽي آ

اي پرين هن جهان تمنّا ۾
ڪير آ ڪنهن جو يار موٽي آ

منهنجي لاءِ حاصلِ دو عالم آهه
اي پرين تنهنجو پيار موٽي آ

تنهنجي چانڊوڪي منهنجي محبوب
روح بوءِ بهار موٽي آ

سئو دير و حرم ڪيو اياز
بهتر آ ڪو يار موٽي آ

## سَيّد جاَمي معصومي

اڄ اسان وٽ نہ ناز برداري ڪبي
تو مٿان دل جان فدا ساري ڪبي

وقف دل جو گهر جڏهن توليءَ ڪيم
ڪئن پلاءِ پو تو ڪان بيزاري ڪبي

تنهنجي مئخاني ۾ اي ساقي ! اچي
هڪڙو پيرو گڏجي مئخواري ڪبي

جان ڏيندس تنهنجي قدمن ۾ رهي
وقف توليءَ زندگي ساري ڪبي

دل گهري ٿو ۽ سا ڪبي ٿي نوکي ڏنم
دلربا توسان ڪا انڪاري ڪبي؟

پل تون جنڙي ڪين اڄ ۽ پر ياد رک
حشر ۾ تنهنجي طلبگاري ڪجي

ٿي ڇپائين جلد دام زلف ۾
نيٺ جاَمي جي گرفتاري ڪبي

## شيخ عبدالحليم جوش

عشق هر حال بيوفا ناهي
حسن جا آهه جي جفا ناهي

مان ڪٽڻ جي گهران ڪٽي ٿو سگهان
منهنجو سر ڪنهن جو نقش پا ناهي

تون خفا دل خفا حيات خفا
تون خفا ناهين ڪو خفا ناهي

آهه مون ڪئي سين ڏٺو تو ڏانهن
منهنجي ان ۾ ته ڪا خطا ناهي

چند کان دور آ منهنجو مقام
عزم جي انتها خدا ناهي

حسنِ اسلوب ۽ بلند خيال
منهنجي لفظن تي اڪتفا ناهي

جوش ۾ ڪجهه خيال نيڪي جو
جي خطا تي پوي خطا ناهي

## آياز قادري

قتل تي راضي جو قاتل ٿي ويو
زندگيءَ جو لطف حاصل ٿي ويو

هن جي چهري تان ويو هٽندو نقاب
هوريان هوريان ماهِ ڪامل ٿي ويو

راهه ڏسندي تنهنجي، اي غفلت شعار!
هن جهان ڪان ڪوئي غافل ٿي ويو

غم سان دل کي اهڙي الفت ٿي وئي
غم به گويا جزءِ دل ٿي ويو.

منهنجي پهلوءَ مان وڃي نڪتي ٿي دل
ڇا ڪو پيو افسون مقابل ٿي ويو؟

راهه ويندي، دل ڏئي، تو ڪي آياز
عاشقن جي صف ۾ شامل ٿي ويو

## رشيد احمد لاشاري

پل ڏسي کو منهنجو اُجڙيل آشيانو باغ ۾
ڪک ۽ پن ڪان پل پُڇي، منهنجو فسانو باغ ۾

پر وڃيا، گهور يا! نه اي صياد! وڃ منهنجي زبان
ڪير ڳائيندو پلا، منهنجو ترانو باغ ۾؟

ڪجهه ته ڪر انصاف، سڌ دشمن نه اُن کي اي بهار!
خودخزان تنهنجو اَڏي ٿي شاميانو باغ ۾.

باغبان گلشن تي سمجهي تو، فقط پنهنجن جو حق
مان وسائڻ ٿو گهران، سارو زمانو باغ ۾.

پَرهٽي، پچرو پيچي، پُرزا ڪري، موتي وڃان
دفن آهي منهنجي گوڙهن جو خزانو باغ ۾

اي صبا! توکي هو پنهنجي تيزگامي تي غرور
اَڄ لڳو تنهنجو ئي توکي تازيانو باغ ۾

خار يا غنچو هجين، بلبل هجين، يا گل رشيد!
جو هجين بلڪل بجا، پر هجُ يگانو باغ ۾.

## لعل محمد لعل

ديس اسان جي سر جو والي دردن جو درمان

اسان جي ديس جو اعليٰ شان

ديس اسانجي جان ۽ دولت ديس ٿيو ايمان

اسان جي ديس جو اعليٰ شان

پاڻي جنهن جو آب حيات ۽ مٽي ٿي اڪسير
جنهن جا ڏينهن ۽ راتيون پل ۾ بدلي ڇڏن تقدير
جنهن جي سايي هيٺ وهن ٿا مشڪل ٿي آسان

اسان جي ديس جو اعليٰ شان

ديس جي بستي بستي گلشن صحرا ٿيا گلزار
ساوا ساوا ڪيت اسان جي محنت ۽ ايثار
مفلس بي خوشحال رهن ٿا وارا پي ٿا ڏات

اسان جي ديس جو اعليٰ شان

پيارا پيارا ديس جا ماڻهو پياري پياري ٻولي
جان وڃي پر شال نه وسري ماءُ جي مٺڙي ٻولي
شاهه ڀٽائيءَ جي نغمن سان گونجي هر ايوان

اسان جي ديس جو اعليٰ شان

## سليم ڳاڙهوي

تنهنجي اکين ۾ ڏٺم هڙ نئين راز نوان،
حسن جي عرش تي اُڏريا پيئي شهباز نوان!
مُرڪ تنهنجيءَ کان سکيو آهه ستارن مُرڪڻ
تنهنجي پاڇي ۾ پليا رنگ نوان، ناز نوان!
قلب ساڳيو ئي سهي، قلب ۾ شوق آهه نئون،
پرت جو پيچ پراڻو مگر انداز نوان!
دل اڳين درد نئون، روح اڳيون راهه نئين،
حسن جو رعب اڳيون، عشق جا انداز نوان!
دم نئون، عزم نئون، ذهن نوان، نيڻ نئون
فڪر جو ساز نئون، ساز جا آواز نوان!
ٻام تي آئي نئين شان سان عظمت جي پري
عزم جي ٻانهن کيا پرت سان پرواز نوان!
ڪين حيران ٿيءَ فرهاد جي ايجاد ڏسي،
حسن بخشي ٿو جِڏي عشق کي اعجاز نوان!
تنهنجي خدمت سان پليو شعر و ادب اي ”خادمؔ“
اُن کي حاصل ٿي نئين زندگي، آواز نوان!
اي سليم، آيا وري لب تي لڙئي گيت، غزل
دل ۾ بيدار ٿيا سوز نوان، ساز نوان!

## تنوير عباسي

ياته هڪ باهه لڳائي ڇڏجي
ياته هيءَ ڇٽنگ وسائي ڇڏجي

ماڪ مان ڏونهون ڏکائي ڇڏجي
ڇٽنگ جو ويس مٽائي ڇڏجي

سمنڊ تي مينهن وسائڻ وارا
ٿر ۾ ڪا بوند وسائي ڇڏجي

پيچي ڊر دن کان اجهو ڳولهي جو
تنهن کي سيني ۾ سمائي ڇڏجي

زندگي گهار جي مرڪي مرڪي
زهر ۾ کنڊ ملائي ڇڏجي

سوچ مان سور پلئه پوندا دوست
سرڪ ۾ سرت وڃائي ڇڏجي

ڪنهن اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ کان پرين
بهتر آ سر ئي وڍائي ڇڏجي

جيڪڏهن روح وڃي ٿي ماندو
گيت تنوير جو ڳائي ڇڏجي

## بشير موريائي

خدارا پاڻ کي اي شمع! شعله بار نه ڪر
تمام محفلِ رنگين کي اشڪبار نه ڪر

گداز و سوز ڀرڪ ۾ زبان ۾ شعله ڀرڪ
مثالِ شمع خموشي تون اختيار نه ڪر

متان وهي نه وڃي بحرِ عقل بند ٽپي
جنون جي پردهٔ رنگين کي تار تار نه ڪر

اي ياد! عهدِ محبّت جي بار بار نه آ
مون بيقرار کي ايذو ته بيقرار نه ڪر

غمِ حيات و حياتي جا ناز گهٽ ناهن
هتي ته ناز اهي، رشڪ نوبهار! نه ڪر

هي بزم ذڪرِ غمِ يار کان بلند آهي
هتي تون ذڪرِ محبت ۾ ذڪرِ يار نه ڪر

زمانو تنهنجي پيو آ، هي داستان پڌي
بشير ذڪر محبت جو بار بار نه ڪر.

## شيخ عبدالرزّاق راز

اي دوست! وري جان کان بيزار ٿيا سون
جڻ خواب گران بار کان بيدار ٿيا سون

هڪوار اتان يار گذار نڪهيا سون،
اي دوست! پوءِ سوا سر بازار ٿيا سون

ناکرده گنه مفت ۾ ٿيا مورد الزام
اي يار! طرحدار گرفتار ٿيا سون.

چپ چاپ اشارن ۾ ئي هڪ ڳالهه ڪئي تو
تنهن ڳالهه تان قربان پوءِ سئو وار ٿيا سون

بس نان تنهنجو ڳالهه تنهنجي ور دبڻيو آه
اي يار! وضعدار گنهگار ٿيا سون

سمجهي نه ڪوئي ڳالهه جي سمجهي ڪوئي سمجهي
اي راز! خطا وار وفادار ٿيا سون.

## حيدر شاه حيدر

بيمار دل جي درد جو درمان ڪري ڇڏيم
ناتو جو نينهن پنهنجي جو توسان ڪري ڇڏيم

ناگاه ڪنهن جي عشق جو ڇرچو مچي ويو
شايد هي راز پنهنجو ڪنهين سان ڪري ڇڏيم

هي غلغلو آ ڪنهن جي اچڻ جو تڏهن ته هي
دل جي ڇڪيل ڦٽن کي چراغان ڪري ڇڏيم

اي يار تنهنجي لطف و ڪرم جي پناه ۾
پنهنجا هي سڀ گناه ته پنهان ڪري ڇڏيم

آداب سوز عشق جڏهن مون بيان ڪيو
ساري جهان ۾ سوز نمايان ڪري ڇڏيم

ڪنهن کي به پنهنجو آئون ڪري ڪين سگهيس
ڪنهن جو ٿي ساري زندگي قربان ڪري ڇڏيم

دامن تي يار تنهنجي رسائي نه ٿي سگهي
لاچار پنهنجو چاڪ گريبان ڪري ڇڏيم

محفل ۾ يار آيو جڏهن پنهنجو ناز مان
نذرش متاع عقل و دل و جان ڪري ڇڏيم

حيدر مون توسان نينهن جو ناتو ڳنڍي ڇڏيو
ساري جهان درد جو سامان ڪري ڇڏيم

## عبدالفتاح عبد

جيڻ لئہ مسلسل تگ وتاز ڪر
نہ انجام تنهن جو نہ آغاز ڪر.

خلافت جي منصب کي ممتاز ڪر
خوديءَ ۾ خدائيءَ جو انداز ڪر

نہ رک مقصدِ زيست ڪاڻ سمجھہ
اي شهباز! تون شوقِ پرواز ڪر

ڳنڍي جيڪو ناسوت لاهوت سان
نئون ساز دل مان سو آواز ڪر

ڪليمي ڇڏي سامهت نہ سک
وري طور دل جو شرر باز ڪر

عمل جي آشا ڇا هتي ڇا هُتي
دم مرگ بہ تهن کي دمساز ڪر

خدا لگ اها زندگي مستعار
ڏئين ٿو تہ پل موت تي ناز ڪر

## سيد منظور نقوي

آخر شبِ فراق جي تارن کي ڇا ڪريان
توکان سوا حسين نظارن کي ڇا ڪريان

هي رنگِ گل جو عکس جلائي ٿو زخمِ دل،
مان هن چمن جي سرد شرارن کي ڇا ڪريان

باقي سرور آهي اڃان تنهنجي بزم جو
مان بادهءِ صفا جي خمارن کي ڇا ڪريان

غم تنهنجو آهه منهنجي حياتي جو ماحصل
بيگانهءِ خوشي ٿي، قرارن کي ڇا ڪريان!

منظور هاڻي آهي تلاطم جو انتظار،
ڪشتيءَ کي ڇا ڪريان ۽ ڪنارن کي ڇا ڪريان!

## علي محمّد مجروح

غير ممڪن، جو ٿئي درد جو اظهار ڪٿي!
حسن بي مهر سهي، عشق دل آزار ڪٿي!

چشمِ مخمور ڪٿي، نرگسِ بيمار ڪٿي
تنهنجا ديوانا بهارن جا پرستار ڪٿي

دير ۾، ڪعبه ۾، بتخاني ۾، ويراني ۾
توکي ڳوليندا وتن، تنهنجا طلبگار ڪٿي

زندگي دامِ تمنّا ۾ گرفتار آهي،
عشق ويچارو اچا باعثِ آزار ڪٿي!

رشڪِ گلزار سهي، دشمنِ ايمان ئي سهي
تنهنجي رفتار، مگر وقت جي رفتار ڪٿي!

وسعتِ دشت ۾، دم منهنجو ٿو گهٽجي هاڻ
مون کي آندو تو جهڪي اي دلِ بيزار، ڪٿي

هاڻ مجروح رڻ جو به مزو ويندو رهيو
لڙهي ترتٖن ٿا، مگر دامنِ دلدار ڪٿي!

## بيخود حسيني

هجي آباد ميخانو ۽ تنهنجو ڪرو فر ساقي
تو آهين ميڪشن جو پير جهلو پيئي ۽ پير ساقي

گدائي بينوائي قرب جي ڪر ڪا نظر ساقي
شراب لاله گون سان جام هڪ پرپور ڪر ساقي

مڏيون ۽ مال گهر، ٽڙ، جان، جند، سڀ گهوريان توتان
لڻايان جام هڪڙي جي عوض سڀ سيم وزر ساقي

پيارين يا سڪائين ياڏکي، لوڏي ڪڍين باهر
رهيو آهي نه هند و بيو ڪو دڙ پيشِ نظر ساقي

جو تنهنجي هٿ جي سرڪي پي پيچي ڪنهن بئي طرف ويندو
اهو رندن جي مشرب ۾ نه هرگز آ بشر ساقي

وطن جي حب آهي جزوِ ايمان ڪيئن ڪريان هجرت
خدا چائي تو ميخاني جو در آ منهنجو گهر ساقي

مون کي بيخود خبر ناهي نه مئي، ساغر، سبو جا هي
سڃاڻان تو فقط هڪ تنهنجي چشمِ فيض ور ساقي

# آحسن الهاشمي احسن

حسن تنهن جلوه گر ڪئي نه ڪئي
عشق جي پئي خبر ڪئي نه ڪئي

ياهتي، ياهُتي ڪنديون آخر
منهنجون آهون اثر ڪئي نه ڪئي

بخت جي رات تي ته ڇا ٿي پيو
نيت تنهنجي سحر ڪئي نه ڪئي

چوڪي انتظار منزل جو
ختم تنهنجو سفر ڪئي نه ڪئي

راهِ فاني ۾ ڪر نه فڪرِ سراءِ
رات تنهنجي بسر ڪئي نه ڪئي

آه عاصي مگر بهشت ۾ آ!
آحسن اينديءَ نظر ڪئي نه ڪئي

## رازِ ڀلتائي

ورد آهي بر زبان آه و فغان تو کانسواءِ
مثلِ دشمن آه ٿيو سارو جهان تو کانسواءِ

اُن ستمگر کي خدا را ايترو چئجان وڃين
مهربان سيکو ٿسان نامهربان تو کانسواءِ

ڇو وساريو آهه تو وعدو وفا جو جانِ من
کيئن گذاريندو حياتي ناتوان تو کانسواءِ

دردِ فرقت کان هينئر هي حال آهي اي حبيب!
ٿي ويئي دل ٿيندي ٿيندي ناتوان تو کانسواءِ

تون جڏهن مون وٽ هُئين دنيا سڄي مون لاءِ هئي
پر وڃي ٿو کين اڄ سارو جهان تو کانسواءِ.

مه لقا هيڏانهن نهار هڪ نگاهه ناز سان
ڏاڍي مضطر آهه دل اي جانِ جانان تو کانسواءِ

ڇو ڏئين ٿو راز کي تون ايترو رنج والم،
جنهن جون اکيون ٿيون رهن آبِ روان تو کانسواءِ

## غلام علي سوز

ساقي نہ رهيو، جام نہ سو مينا نو
بلبل، نہ رهيو گل، آ فقط ويرانو
باقي نہ رهيو شوخ ادا مهرو کو
خيّام، سبق ڏي کو وري رندانو!

آ رات سهاني، ڏي پيري ساغر کو،
غم دور ٿين روح رچي دم ير کو!
تو کير جيئي کاڻ سياڻي هترئي
ڏي جلد، اچانک نہ مچي محشر کو!

دنيا ۾ وفا جو نہ ڪتي قدر رهيو
هر دم آ وفادار ستم هت سهيو
پر مان نہ طريقو نہ پيو چاٽان ٿو
ڪاتب کو ائين ليک ازل کات لکيو

زاهد تو چوي، پاک نہ آ بادہ هي
پر روح بنائي ٿو گهڻو تازہ هي!
پر جام غزل ڳائي اُٿي، دلبر، توں
چاچاڙي گناهن کي دل سادہ هي!

## اَحمَد خان آصف

راهه لڳايا پيا رک آسرو الله تي
تڪ ته تڪيا جهُڪ وڃي ڏور سنڌي درگاهه تي
ڪَرَ گهٽا پر عمر ڪم ڪَمُ ڪر اُهو جو ڪم اچي
دم ڌڻي دم جو نه رک ويساهه پنهنجي ساهه تي
ترڪ ترڪي کي ڏئي ترڪي پوڻ کان وچ بچي
ڪڻ قدم پنهنجو سنڀالي زندگيءَ جي راهه تي
هل حليمت سان اِهانت ميچ متان مستي ڪرين
تند تيگهه تانءِ ميرجي نه وچ وهه واهه تي
سک سبق صبر و صداقت ساءِ سِک صحبت سنڌو
هل سنئون رستو صفا، آهي غضب گمراهه تي
راهه جنهن سان رب ملي هڪدم رڙي سا راهه وٺ
ڪول جيءَ کي حمد ۽ تعريف ۾ ساراهه تي
آهه جڳ فاني بلاشڪ لابقا اقبال آهه
اعتبار آڻ نه گهر جي ڪو جلال و جاهه تي
نفس ناقص نحس کي نائي نمائي ناس ڪر
ڪِر نه آصف دل جيري دنيا جي جس ۽ جاهه تي

## محمد امين فهيم

پيار ۾ تنهنجو پيار چاهئجي
مست نظرن جو وار چاهئجي

توکي غيرن جي روبرو جاني
دوست ۽ محبوب ۽ يار چاهئجي

بيوفائي ۽ وفا جي بدلي ۾
شرم ۽ ڪاوڙ يا آر چاهئجي؟!

دل جي ويراني ۾ به تون آهين ۽
توکي جانِ بهار چاهئجي

بيوفا کي حسين لفظن ۾
اي دل داغدار چاهئجي

تنهنجي هوندي به دل جي تڙپڻ کي
بيقراري ۽ قرار چاهئجي؟

فڪر ۾ فڪر پاڻ هي پنهنجو فهيم
پاڻ کي بار بار چاهئجي

## نياز همايوني

ديار دل ۾ محبت ٿي بي قرار رهي
خدا ڪري ته زماني سان سازگار رهي
گلن تي ماڪ ڏسي ڀرجي آئي دل پنهنجي
ڪٿان جو درد اچي ڪٿ ٿو اشڪبار رهي
سدائين زلف پريشان رهي پريشان شل
هي ڪائنات انهيءَ کان ٿي مشڪبار رهي
مصيبتن کان بچڻ لاءِ دل دماغ ڇڏيم
نه اعتبار اچي ۽ نه انتظار رهي
تڏهن کان پنهنجي وفائن ۾ پُختگي آئي
جڏهن کان تنهنجي جفا تي ٿو اعتبار رهي
اوهان جو حسن ته هاڻي ظهور ۾ آيو
اسان جو عشق ڪڏهن کان ٿو آشڪار رهي
ڏيئي سگهين ته مون کي ڏي سڪون جهٽ پل لاءِ
جي تنهنجي گنج ۾ ٿو ڪجھ اي ڪردگار رهي
نياز سوس نه چلبو ڪڏهن محبت کان
زمانو ڀل ته اسان سان نه سازگار رهي

## برڪت علي آزاد

جلائي شمع جان جُسو جان پنهنجي
”هزارين چراغن کي ٻاري ڇڏيو سين“
جڏهن فڪرِ انسان کي ظلمات گهيريو
تڏهين ”صبحِ روشن“ اُجاري ڇڏيو سين

ڏنو سين سدا عزم نوُ ٻي ڪسن کي
شڪسته دِلين کي جياري ڇڏيو سين
ازل کان هو سُورن سان ناتوانجو
محبت جي صدمن کي ٽاري ڇڏيو سين

مليو ڪوئي همدم نه مُونس سچو ڪو
زماني سجي کي پُڪاري ڇڏيو سين
ڏنو مِهرجي هڪ نظر ساڻ دلبر
سڄو رنج و ڪلفت وساري ڇڏيو سين

ڪيو سون جڏهن ذڪرِ يارانِ محفل
سڄي انجمن کي رُئاري ڇڏيو سين
ڏيئي سرجي آزاد ناچيز ڀيٽا
عروسِ وطن کي سينگاري ڇڏيو سين

## عصمت انصاري

نمونا رهن ٿا نيارا اسان جا
پڙاڏي سمجهي اشارا اسان جا

ٻڌل بخت پنهنجو پڙاڏو نه بگڙي
پڇي ڪن ٿا پاسو پڙاڏا اسان جا

ڪٽي دل جون آهون اُڏي عرش وڃبو
سلامي تي رهندا ستارا اسان جا

زمانو اسان کي سياڻي نه سگهندو
پسڻ کان پري سڀ پسارا اسان جا

رئڻ ۽ پٽڻ ڪنهن نه سمجهو اسان جو
ٿيا حال توڙي هچارا اسان جا

جڏهن مهروارن ڪٽي منهن مٽايو
ويا ختم ٿي سڀ سهارا اسان جا

ڀڄي توکان وياسين ته ڇڏي زندگي وئي
ڪٽي ڪين ٿيندا اگذارا اسان جا

اسين ڪين هوندا اسين پيارن جي آڏو
تڏهن گيت لڳندا هي پيارا اسان جا

رهي ڇو نه عصمت ٻڏل پنهنجو ٻيڙو
لڙهي ويا ڪنن ڪنارا اسان جا

## عبدالقيوم صائب

دور دلبر جي رخ روشن تان دامان ٿي ويو
عاشقِ ناشاد ڇا، عالم به حيران ٿي ويو

فصلِ گل ۾ دل جي وحشت جو نه سامان ٿي ويو
چاڪ دامن ٿي ويو، پرزا گريبان ٿي ويو

اشڪ مان درياءُ ٿيو، درياءُ مان طوفان ٿي ويو
ڪشتيءِ عمرِ روان جو ساز و سامان ٿي ويو

برق جي ظاهر ۾ خواهش ٿي وئي پوري مگر
آشيانو خود ئي گلشن تان قربان ٿي ويو

مرحبا صد مرحبا، سو لذتِ جرم و گناهه،
جنهن جي باعث حشر ۾ ديدارِ يزدان ٿي ويو

درد و غم، رنج و الم سان آهه دل مانوس ٿي
منهنجي لئه ڇا خوب آسائش جو سامان ٿي ويو

ڇا ڪريان ڪيڏانهن وڃا دنيا ۾ ناهي ڪو قرار
مرغِ دل صائب اسيرِ زلفِ پيچان ٿي ويو

## محمّد علي فيضؔ ڪنڊڪوٽي

وسارڻ جي نه وسريا اهيان ياد آيا
الاجي ڪٿان جو ڪٿان ياد آيا

محبّت جي مرهم محبّت جون پٽيون
محبّت جا تير و سنان ياد آيا

ڏنم تيغِ ابرو سڄڻ جو ته ناگهه
وري زخم دل جا نشان ياد آيا

غمِ هجر جا دل ۾ پيچ لهيا
اسان لاءِ ٿي ڪار دان ياد آيا

رياضت سان مُصفّا ٿيو آئينهءِ دل
ته ڪردار پنهنجا عيان ياد آيا

اسان جو سڪي ساه سانگين لئي دائم
نه تن کي ڪڏهن نيم جان ياد آيا

ڇُپي ڪين سگهيا، حقيقت ڪلڻ سان
هئا جي نهان سي عيان ياد آيا

نه ٿيس فيضؔ غمگين، پر غم جهان ۾
لطافت ڀريا داستان ياد آيا

## نياز علي شاه مُحسِن

بي ڏرڪ ، بي خطر ، مڻا سائين !
چوٽ تي چوٽ ڪر ، مڻا سائين !

ڪيئن اڪيلو ئي طئه ڪري سگهندس ،
زندگيءَ جو سفر ، مڻا سائين ! ؟

غمزده دل جي دانهن ۾ ، ڏا ڍو ،
آهه ٿيندو اثر ، مڻا سائين ! ؟

ايترو جلد مُنهن مَٽي ويندين ،
مون کي ڪهڙي خبر ، مڻا سائين ! ؟

هيءَ دُعا آهه توکي مُحسن جي
خوش هُجين عُمر ڀر ، مڻا سائين !!

## مُهيسر خادم رفيقوي

درد و غم جور و جفا آهي لذيذ
ياس ۽ حرمان دائما آهي لذيذ

خلق جي خواري ۽ طعنا لوڪ جا
عشق ۾ سڀ ڪجهه روا آهي لذيذ

نبض منهنجيءَ کي ڏسي تون ڇا ڪندين
مرض منهنجو لا دوا آهي لذيذ

"عشق آ لاريب ماليخوليا"
قول سياڻن جو صفا آهي لذيذ!

عشق جي ميدان ۾ منصور لئي
دار تي حق جي صدا آهي لذيذ!

تي وفا معدوم اِج آهي جفا
هيءَ حقيقت جا بجا آهي لذيذ

حالِ دل خادم سند وسڻ اي حبيب!
داستانِ غم مٺا آهي لذيذ

## يار محمد تانوري مسلم

باغ ساروهن جهان جويار آهي چند منت
گل سيئي ويندا ڇڻي گلزار آهي چند منت

ڪر نه دلبر ناز ۽ حسن جواني تي غرور
سوچ ڪر هي سونهن ۽ سينگار آهي چند منت

پيچ پائي زلف جو ڪيو قيد قابو بي قصور
رک ڏٺي تي حسن جي سرڪار آهي چند منت

حسن جي خيرات توڪان آءٌ وٺڻ ايندس ضرور
پڪ اٿم پرچڻ سندي تڪرار آهي چند منت

وچ اڏامي اي ڪبوتر ڪيس چئج منهن جا حضور
اٿ مسيحا هل سگهو بيمار آهي چند منت

ڪين وچ محبوب من آغوش ۾ رهه ڪا گهڙي
مون ڪئي توسان اجا گفتار آهي چند منت

بت پرستي کي ڇڏي مسلم تيس شڪرِ خدا
راهه حق قائم رهي ء هند ڪار آهي چند منت

## حافظ محمّد اسلم مهيسر رفيقوي

اڄ نه پنهنجي ملڪ کي ظالم زمينداري کپي
انقلابي دور ۾ بس ، هر ڪپي ، هاري کپي

تنهنجي هٿ ۾ قوم جي قسمت جون واڳون ٿي ويون
ديس کي هر حال ۾ تنهنجي ٿي دلداري کپي

خون پنهنجي سان ته تون سر سبز ڪر پنهنجو وطن
قوم پنهنجيءَ کي اڃا ڇو بک ۾ بيڪاري کپي

درد پنهنجي ديس جو ڌاريان ۾ ديوانو هجان
زندگيءَ جي راه ۾ مون کي نه هشياري کپي

هن نئين تهذيب جا نعرا هڻي هلڪو نه ٿيءُ
قوم جي الفت سان گڏ رب جي طلبگاري کپي

قوم جي الفت ۾ پڻ حُسنِ عمل درڪار آهه
عشق پنهنجي کي سدا سهڻن جي سرداري کپي

پنهنجي جهوني دوستي اسلم وري تازي ٿئي
همنوا "حامي" کپي ، همدرد "اشاري" کپي

# ساجد شاري

تباهي آ، ٿيڻ راغب اسان جو مغربيت ڏي،
چڱو آهي، ته موٽن اهلِ مشرق مشرقيت ڏي.

ترقي سي ممالڪ ڪين ڪي ڪڏهين ڪري سگهندا
ڏسن ٿا جن جي ڪثرت کي ڪي صاحب ٻوري وحدت ڏي

ٻيون جي پنهنجي پيرن تي، ڪري امداد پنهنجي پاڻ
ته جيڪي پوءِ نه واجهايون اسان ڌارين جي دولت ڏي

اي انسان! اُنس رک انسان سان، جو آهين تون انسان
تون ڪجهه ڏس فرض ڏي پنهنجي، ۽ ڪجهه ڏس پنهنجي نسبت ڏي

مچيندين خود، ته آهي نعرو بازي امنِ عالم جي
جي ڏسندين غور سان تن جي عمل ڏي، لهجي، نيت ڏي

اي داعي امنِ عالم جا! اُٿي مشرق جي گوشي مان
خردمندانِ مغرب کي پيامِ آدميت ڏي

بنا يڪسانيت ۽ امن تي آهي رکيل جنهن جي
تنهن وچ ساجد وري پنهنجي اُنهيءَ ڪهنه روايت ڏي

## محبُوبُ سرُوريُ

ياد هر هر ٿو اچين، بادِ صبا شاهد آهه
صبح جو وقت، چمن، مست هوا شاهد آهه
منهنجي الفت جو ته هر ڪوئي مِنا شاهد آهه
غم جدا، سوز جدا، درد جدا شاهد آهه

مُنهنجي آهُن ۽ صدائن تي جي ويساه نه اچي
پنهنجي دل کان ته پُڇ! منهنجي اها شاهد آهه
خوب سمجهان ٿو، مُحبت کي لڪائين ٿو ڀرين!
پيار موسان ٿو ڪرين؛ تنهنجي ادا شاهد آهه

تنهنجي اکين ۾ فقط منهنجي محبت آهي
تنهنجو اندازِ نظر، هوش رُبا شاهد آهه
تنهنجي خوشنودي ٿو چاهيان مان فقط جانِ من
منهنجي پاڪيزه محبت جي وفا شاهد آهه

ناهي پرواه زماني جي ڪٿي ڇا به ٿيو
منهنجي دل جو ته اي محبوب خدا شاهد آهه

Soorih Mirani

## عبدالعزيز بيدل

ڪڏهين ٻه ڪنهن سان مون ڪئي هئي اوهان جي ڳالهه
لڙڪن مگر عيان ڪئي زخمِ نهان جي ڳالهه

هي حرف آخري ٿي ڪري پانئي اي نديم!
شايد وري ٻڌي نه زمانو اسان جي ڳالهه

هر خار تي زمينِ گلستان کي آهي ناز
ڪر باادب بلبلِ نادان خزان جي ڳالهه

بس مختصر ته زندگي آهي جيئون پيا
پي ڇا پڇو ٿا يار اسان کان اسان جي ڳالهه

هڪ هڪ ڪري ٿو ڇنڊيان مان زندگي جا ورق
شايد ملي وڃي نه انهن ۾ اوهان جي ڳالهه

تنهنجو مڃان جي حڪم ته صيّاد ڪيئن مڃان
ڪيئن چپ رهان جو آهي ٿي منهنجي زبان جي ڳالهه

## محمد عبدالله پرديسي

نه ڄاڻ اسرار ڇاڻي دل، اها دل، دل متان سمجهين
ڪڏهن باطل جي پوڄاري کي تون ڪامل متان سمجهين

جو فاني حُسن آ، سو عشق جو حاصل متان سمجهين
تون هر منزل کي پنهنجي زيست جي منزل متان سمجهين

گهٽيءَ ۾ ڪاروان ڪائي فريبِ راهه لٽيو ويا
دلِ نادان تون گردِ راهه کي منزل متان سمجهين

تون عزم دل سان پنهنجي منزلِ مقصود کر حاصل
اچي درپيش ڪو مشڪل ته سو مشڪل متان سمجهين

حقيقي عشق جا طالب ٿين ٿا صاحبِ منزل
خرد جي طالبن کي صاحبِ منزل متان سمجهين

مَرِ دل، دل جي دنيا ۾ سدائين جلوه گر آهي،
تمنا جي ستارن جي سڄي محفل متان سمجهين

تڙپ دل ۾ جگر گهائل، اکيون پُر آب ۽ او پيارا
تون پرديسي کي پنهنجي ياد کان غافل متان سمجهين

Soorih Mirani

## غلام حُسين مُشتاق سياروي

يار جنهن وقت جلوه گر ٿيندو
شامِ غم مان ڦري سحر ٿيندو

شبِ فرقت خوشي وڃان ڀڪي،
رونق افروز گر بدر ٿيندو

ٿيندو معراج ذري ذري کي
مه جبين جو جتان گذر ٿيندو

حيله گر! دل نه هٽ، قضا مٿي!!
دوست جو مون مٿي دما گر ٿيندو

سوا جان آهه خاڪ جو پتلو
عشق کان جو نه بهره ور ٿيندو

نيهن وارن نگاهه سان پيتو
مئي جو ميڪش ئي منتظر ٿيندو

ناصحا! عشق سر جي بازي آهه
نيٺ مشتاق ئي ڪٽر ٿيندو

## قاضي عبدالرحمٰن نسيم ابڙو

هوريان هوريان حال هن جو هوند بهتر ٿي پوي
فرقه بندي کي ڇڏي جي قوم يڪسر ٿي پوي

ڪي سنڌي پشتو پنجابي يا دهلوي يا بلوچ
فرقو فرقو دين حق جو شير شڪر ٿي پوي

جي ملي جانباز ڪو سرساه مان صدقي ڪيان
هم صفت همخواسان جو ڪو ته رهبر ٿي پوي

پنهنجي منزل لات منهنجي وس آهي بند ڪيان
پل ڪٿي پو موت ڪان و ذحال ابتر ٿي پوي

شال ٿي هر فرد کي علم و ادب سان دوستي،
ملڪ جو پيرو جوان سهڻو سخن ور ٿي پوي

خلق جيا خود خالق مخلوق ان ۾ هو نٿو ٿئي
نفس ماري دل اُجاري جو قلندر ٿي پوي

سي پلا چوا هل محشر ٿيو ڪتر ڪن جڏهن
جن جو شافع روز محشر شاهِ ڪشر ٿي پوي

مثل بوبڪر و عمر عثمان حيدر دين لئه
ڪو چراغ و مسجد و محراب ممبر ٿي پوي

لُڙ لهي ويندا اڳي پو صبر ڪر تون اي نسيم،
جو ته صابر سان ٿو شامل فضل پرور ٿي پوي

## حاجي دائود مسڪين سرشاري

تون غريبن سان دل لڳائي ڏس
نيڪ نامي جو هار پائي ڏس

ها تدبر ذرو هلائي ڏس
پنهنجي تقدير کي بڻائي ڏس

تنهنجي منزل قريب آهي پر
حوصلو ڪر قدم وڌائي ڏس

دور تنهنجو گمان ٿي ويندو
هڪ دفعو مون کي آزمائي ڏس

مرتبو پائيندين گهڻو بالا
پنهنجي هستي ذرو مٽائي ڏس

آدمي جو مقام ڇا آهي
پاڻ کي آدمي بڻائي ڏس

جانِ مسڪين تو مٿان قربان
هڪ نظر يار مسڪرائي ڏس

## ذوالفقار راشدي

مان اوجاڳن جي آوهه ۾ خيالن جي خدائي ماڻي آ
تون ڏيهن ۾ ڏينم ته خوابن جي سوڙن رات وهاڻي آ

هي سوڙ سنا ۽ پوڙ منا جي بخشن ٿا آلاپ الا
مان سوڙ سوا ۽ پوڙ بنا ڪا تند نه هرگز تاڻي آ

هي ٽڪ ڏڪن جا ڏولاون جا چيراندڙ ڪي اوجارين
هيءَ منهنجي ڪلام هي بيت پلام هيءَ ذات ٻه ڏڪڙن هاڻي آ

او ٿڪ ڏيو، او ڇهڪ ڏيو اڄ نيڻن وسائي ويڙس مان
او ماٺڙو منهنجو مات ڇڳوٽي پيار جي ٽيٽ پڇاڻي آ

ڪو وقت هيو مون ويڙ اڳيءَ ڪا ٻاهه برهه جي ٻاري هئي
ڪا چٽنگ جا خاڪ ۾ ٽلڪي ٻي ساهائي هاڻي وسائي آ

او چنڊ ستار ٿو! ٻنهنجا ڏيا هيڪر ته وسايو اونده ٿئي
ڪنهن پڙ دي نشين جي روح سان منهنجي خيال جي ٽِڳنجاڻي آ

او منهنجا فن، او منهنجا من، او منهنجا غزل، او منهنجا ازل!
سيني ڪان لجازت چاهيان ٿو، سيني مان ولت ٽڪاڻي آ

## عبدالرحيم صابر نوآبادي

پھرين پنھنجو تو بنايو مون کي
ھاڻي سمجھين ٿو پرايو مون کي

رات پڻ ننڊ نه آئي سھڻا
ياد تنھنجي ٿي ستايو مون کي

تن کي روئي به وساري نه سگھيس
جن ادائن ٿي کلايو مون کي!!

منھنجي سامھون تون رقيبن سان کلي
ڪر نه حيران اجايو مون کي.

حرف ھڪڙو به شڪايت نه ڪندس
چوٽ تي چوٽ رسايو مون کي

ڪنھن ٻئي جو ته نه آھيان طالب
منھنجو محبوب ملايو مون کي

ڏوھ ڪنھن جو به نه آھي صابر
پنھنجي تقدير رلايو مون کي

## محمد حسن ساز

گردشِ ايام آهي شاد اڄ ،
ٿي ويو ڇا آهي ڪو برباد اڄ؟

عشق تنهنجو هي به آهي معجزو
شاد هو جو ، ٿي ويو ناشاد اڄ

ذڪر هُن جو منهن جي لب تي ناهي ڇو
ڪنهن کي شايد ڪين آهيان ياد اڄ

ياد ڪنهن جي ، ڪنهن جو غم ڪنهن جي تلاش
اهڙي عالم ۾ رهان ڪيئن شاد اڄ

هر ڪو مطلب سان رکي ٿو واسطو
ڪير ڪنهن جو ٿو ٻڌي فرياد اڄ

لاش منهنجي کي ڏسي هو ٿو چوي
هن مصيبت کان ٿيس آزاد اڄ

هو به منهنجي عشق جو قائل هجي
ڪاش زنده جي هجي فرهاد اڄ

ساز تنهنجي شعر ۾ ڪجهه آهي ، جو
دوست ڇا دشمن ڏين ٿا داد اڄ

## محمد حسين آتش

آيو آهين تہ قيل وقال نہ ڪر
بي مزي محفلِ وصال نہ ڪر

ذڪر آڻي ورئي ٻهارن جو
مون کي بيگانہ خيال نہ ڪر

جو هجي حدِ عاشقي ڪان پري
عشق اهڙو تون بي مثال نہ ڪر

آهي اڄ ٿو ڪمال کي ئي زوال
تون ڪڏهن شوخيءَ ڪمال نہ ڪر

قتل ڪر جانِ من تون مون کي مگر
منهنجي الفت کي پائمال نہ ڪر

عشق معصوم آهي منهنجو اجا
خامين جو مٿا خيال نہ ڪر

غير آخر بہ غير ٿي آهي
غير سان پنهنجي دل جو حال نہ ڪر

خونِ ناحق مٿان نہ ٿي ڪو پوي
چشمِ مستا تون سرخ و لال نہ ڪر

پير پائين جي عشق ۾ آتش
زندگي موت جو ملال نہ ڪر

## مهران خان بجاراڻي فدا

ويا وڇوڙي ۾ ورهه گذري مٺا منٺار موٽ
اي منهنجا محبوب اي منهنجا دلي دلدار موٽ

جان برلب آهي مريضِ عشق تنهنجو ماهرو
منتظر آهي مسيحا بره جا بيمار موٽ

هر لبِ انسان تي ۽ هر محفل ۾ تنهنجي گفتگو
موٽ اي مقبولِ عالم - موضوعِ گفتار موٽ

تنهنجي دم سان آ جهان ۾ عزت حسن و جمال
عزتِ حسن و جمال اي زينتِ سنسار موٽ

تون شهنشاه حسن جو جملي حسين تنهنجا غلام
اي حسينن کان حسين اي سوهڻن جا سردار موٽ

مبتلاءِ غم غريق هجر محوِ انتظار
لاءِ رنج و غم مصيبت جا خدا را يار موٽ

في سبيلِ الله فدا جو حال هي هيٺو ڏسي
شافع روز جزا اي احمد مختار موٽ

## مُنيرسولنگي

جستجوءِ قرار اڄ ٻيي آهِ
منهنجي دل داغدار اڄ ٻيي آهِ

بيڪسي رازدار اڄ ٻيي آهِ
بخت ناسازگار اڄ ٻيي آهِ

سنگدل آب آب ٿيُ هيڪر
تومتان دل نثار اڄ ٻيي آهِ

ظلم جي هن عجيب واديءَ ۾
حُسن جو اقتدار اڄ ٻيي آهِ

بي وفا سان ٿهي تہ وڃجي پر
غير سان همڪنار اڄ ٻيي آهِ

تو وٽان جا ايندي رهي سائين
هير سا مشڪبار اڄ ٻيي آهِ

تنهنجي غم ۾ مُنيرجو دامن
اي پرين! تار تار اڄ ٻيي آهِ

## مسرور ڪيفي

تنهنجو منهنجو جي فيصلو ٿيندو
درحقيقت هي معجزو ٿيندو

گل ٽڙن سي چراغ محفل جا
دل جي داغن جو سوجھرو ٿيندو.

منهنجو غمخوار تون نه ٿي سگهندين
منهنجو غمخوار ميڪدو ٿيندو

مون کي رسوا ڪيءُ حسينن ۾
تنهنجو اي عشق چاپلو ٿيندو

غم کي پامالِ زندگي سمجهي
اهڙو نادان ڪو بيو ٿيندو

حسرتن جو شمار ڇا ڪريون
حسرتن جو شمار ڪو ٿيندو

دل جي برباديءَ جو اي ڪيفي
ختم ڇا هاڻ سلسلو ٿيندو

## جليل سروري

عقلِ سليم پنهن جو رهبر بنائبو
هر موڙ زندگي جو بهتر بنائبو

غفلت شعار از خود تيند و وفا شعار
پنهنجي وفا کي بهتر جيڪر بنائبو

جور و ستم جي باقي رهندي نه ڪا گلا
خود کي غمن سندو جي هوگر بنائبو

مردانگي ۽ همت کان ڪم وٺي اي دوست
پنهنجي نصيب کي خود بهتر بنائبو

اي حسن حڪم تنهنجو چشمن مٿي ڪٿي
پنهنجي رضا جو توکي افسر بنائبو

آمريڪا روس پيا ٿا چنڊ تي پهچڻ جي ڪن
اي آسمان توتي ئي گهر بنائبو

سختيون ۽ سور ڏيئي عاشق جليل کي
سهڻي چيو ته آخر شاعر بنائبو

# مُحمّد خان سارنگ

تون اي آزاد آزاديءَ جو ڪو ڪردار پيدا ڪر
ڇڏي فطرت غلاميءَ جي دلِ خود دار پيدا ڪر

ابوبڪر و عمر عثمان و حيدر فخرِ دين يارب
مسلمانن ۾ اهڙا ورِي ڪي چار پيدا ڪر

زبان سان تيغ جي توکي ضرورت آهي اي شاعر
تخيل سان تون ڪا تيغ جوهر دار پيدا ڪر

ٿو ڪجي حُسن تي بيدار آهي عشق جي ڪامل
طلبگارِ حقيقت تي حقيقي پيار پيدا ڪر

نه ترقيءَ فقط توکي مگر دنيا کي ترقيءَ
تون سوزِ آه کو اهڙو دلِ بيمار پيدا ڪر

گُلن جي عندليبن جي حڪايت ڇڏ تون اي شاعر
ٿيئي بيدار جنهن سان قوم سي اشعار پيدا ڪر

ڪي آهن خار جي اُلجهن ته سارنگ تنهنجي دامن سان
مگر تون خود انهيءَ گلشن ۾ اهڙا خار پيدا ڪر

## محمد حسن سالم ١٩٠١ کير

وڏو آ جستجو جو فرق مون ۾ ۽ ستارن ۾
هو عادتن کان ٿا جاڳن مان ٿو جاڳان انتظارن ۾

نه پهچي گلستانِ حسن تنهنجي کي خزان هرگز
نه هوندي ورنه بو گل ۾ نه رنگت گلعذارن ۾

وهائج پيل تون پاڻي جان هي منهنجو خونِ دل حاضر
نه واري سر وهڻ جي آه عادت عشق وارن ۾

تصور ٿو رهي دل ۾ سدائين دلربا تنهن جو
نه ٿو پلجي سگهان توکي سون ۾ يا هزارن ۾

فريبِ حسن سمجهيم خالِ رخ ۽ دامِ گيسو کي
هي ڦاٿو مرغ دل آ اوچتو دلبر جي وارن ۾

مرڻ کان بعد پي وينديي نه خوءِ عاشقي دلبر
اچا پي جوش تازه آه تنهنجي جان نثارن ۾

اهوئي روح آهي ۽ اهوئي حسن آ سالم
نظر اٽکي رهي آهي گلن ۾ توڙي خارن ۾

# شاڪر سرشاري

ڪيو تو دين کان هر فرد بيگانو ته ڇا ٿيندو!
عدالت جي رکيو توتي به جُرمانو ته ڇا ٿيندو!

جهان - غيريي آهي جڏهن قرآن جو قائل
بڻايو تو حقيقت کي جي افسانو ته ڇا ٿيندو!

زماني بعد دنيا ۾ وري هڪ رند ٿيو پيدا
اچي ويو وجد ۾ ساقيءَ مئخانو ته ڇا ٿيندو!

شراب زيست جا شيشا رکي مِمبرتي پيو ساقي،
ڇڏي مسجد پيچي ويندو هي مؤلانو ته ڇا ٿيندو!

مطابق قول راوي جي اگر بخشش جي ٿئين قابل
تو ناهيو باغ جنت ۾ به بتخانو ته ڇا ٿيندو!

ٻري شمع هدايت تي مِنٿ آهي اسان جو مَرڪز،
رهيو ظلمت ڪده ۾ زنده پروانو! ته ڇا ٿيندو!

خدايا! خوابِ غفلت مان وري شاڪر کي ڪر بيدار
نه آيو هوش ۾ جي تنهنجو ديوانو ته ڇا ٿيندو!

## محمّد رمضان دلؔ

ڪنهن جو هي جلوو نمايان ٿي ويو
ذرو ذرو مهرِ تابان ٿي ويو

واه ڪوليا ڇو لحد ۾ دلربا
ڪُشتهِ الفت پريشان ٿي ويو

بيخودي بيمارِ الفت جي ڏسي
خود مسيحائي ته حيران ٿي ويو

اهلِ دل پيتو شرابِ عشق پر
جنهن ڪي دل ناهي پشيمان ٿي ويو

جنهن جي نالي تان تو نفرت ٿي ڪئي
تنهنجي نالي تان سو قربان ٿي ويو

ذڪر تنهنجو ٿي ڪيو رندن مگر
واعظِ نافهم حيران ٿي ويو

دلؔ جي دل مرءِ داغن جي بهار
خانه ويران اڄ گلستان ٿي ويو

## شمشاد ساڪرائي

دل مقيد ٿي رهي دلبر جي الفت ۾ اچا
هي لڪيل آ انتظاري منهنجي قسمت ۾ اچا

ڪهڙي رهبر لئه ڀُلاڻ تو دشت غربت ۾ اچا
ڇا ڪمي آهي رهيل ڪا جوش وحشت ۾ اچا

سو سو سهڻا ڀيا دلبر جي فرقت ۾ اچا
ڇوته آهي آسرو هن جي محبت ۾ اچا

هني هر ڀيرا تغافل ٿي ڪريان مان بيرخي
ٿي رهي اميد توکي بيمروت ۾ اچا

وقت بدليو هي زمين ۽ آسمان بدليا مگر
ڪا به تبديلي نه آئي منهنجي فطرت ۾ اچا

ياد آهي ڪو نه مانو ٿيو جو هڪ غلطي ڪيم
تو رهان اي يار! احساس ندامت ۾ اچا

گرچ گمنامي ۾ ساري زندگي گذري ويئي
ته به رهي شمشاد جو نالو تو شهرت ۾ اچا

## امداد حسيني

اڄ ڪنهن جي نگاهن ۾ رهيو ناز نه آهي
موهي جي وجهي دل کي سو انداز نه آهي

محسوس نٿو ڪيف ٿئي هاڻ پيئڻ ۾
ساقي جي نگاهن ۾ اهو ناز نه آهي

چاهيم نه گهٽو تنهنجي اڳيان راز عيان ٿئي
ڪيئن راز کلي منهن ۾ ته آواز نه آهي

پيغام مسرت جو ڏنو بادِ سحر گاه
بلبل جو مگر هاڻ چپو آواز نه آهي

هي راز محبت جو ڪنهن سان سليان مان
منهنجو ته ڪو همدرد ۽ همراز نه آهي

امداد ٿو سرگرم ڏسان محفلِ رندان
ليڪن ڪو پيئڻ جو اڃا آغاز نه آهي

## محمد هاشم لهر

الائي جو متي مرغ چمن ۾ چو بچو آهي
ويو اڄ روح افزائي گلن جو رنگ وبو آهي
ٿيا آباد ميخانا لڳي هونگار هو آهي
ڪنيو ساقي خوشي سان اڄ وري ساغر سبو آهي
ڏسيو لبريز پيمانا اچن ٿيون ياد ڪي اکڙيون
نظارو چشم جانان جو هنن ۾ هو بهو آهي
پيئي رت آهه رندن ۾ پيئڻ کان ڪين مڙندا سين
جڏهن ارشاد جانب جو ڪُلُوا ۽ اِشْرَبُوا آهي
ٿيو جي يار جي قدمن ۾ سر قربان ته بهتر آ
جيئنتهن لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوا آهي
ڪرين فَلْيَعْبُدُوْا جو وَعْظِ واعِظ تون پيو هردم
ڪڏهن ڪٿ چيڙيو ته ويهي ذڪر جَاهِدُوا آهي
ستمگر ڪر ستم بيشڪ مگر تون عيوضو ڏيندين
سڀن جو فيصلو ٿيڻو خدا وٽ روبرو آهي
عدالت سخت ته آهي اگر الله اڪبر جي
مگر هڪ شان رحمت جو عيان لَا تَقْنَطُوْا آهي
ٿيا جي لهر لا مَقْصُوْدُ فِي الدَّارَيْنِ انهن کي،
نه ڪنهن جي جستجو آهي نه ڪنهن جي آرزو آهي

## مُحَمَّد مُرِيد، مرِيد

گلستان تخيّل مان خزان ويئي بهار آيو
بهار آيو مگر اي دوستو! ناپائدار آيو

الاهي! بزم ۾ اڄ آه ڪهڙو دل فگار آيو
جو هر هڪ دل ۾ آهي هڪ طرح جو خلفشار آيو

قرارِ دل ڪٿان آڻيان؟ ڪٿي ڳولڻ وڃان؟ ڇوجو
قرارن کي برڪاتي همنشين! ناهي قرار آيو

هي دنيا آه بس "اڄ ڪڄ" جو نالو پيو ته ڪجهه ناهي
ڪڏهن دورِ خزان آيو، ڪڏهن فصلِ بهار آيو

تمنائون، الم، غم، حسرتون، مايوسيون، ڳڻتيون
ڏسو چاچاوڻي بدلي ۾ منهن جو آه پيار آيو

سندءِ محفل ۾ جو آيو سو ڏاڍي شوق مان آيو،
مگر واپس جڏهن آيو ته هر هڪ حالِ زار آيو

تون آهين ڪارسازِ دوجهان تنهن جي ڪري مولا
مرِيدِ دل شڪسته آه تو در بار بار آيو.

## حليم کوتائي

ڳالهه هيءَ آشڪار اڄ ٻيي آه
تنگ ليل و نهار اڄ ٻيي آه

گل جي پهلوءَ ۾ خار اڄ ٻيي آه
وقت ناسازگار اڄ ٻيي آه

سنگدل ۽ وفا کان دور گهڻو
آسمان دلفگار اڄ ٻيي آه

گرچه پُر امن انقلاب آيو
قوم غفلت شعار اڄ ٻيي آه

ڪوئي مرهم بڻي ڪري حاذق
زخم دل جي پُڪار اڄ ٻيي آه

اڄ به ڏاڍو دسي ٿو هيٺي ڪي
عدل جو انتظار اڄ ٻيي آه

اڄ به عصمت کي ٿو لُٽي رهزن
آدمي داغدار اڄ ٻيي آه

گرچه خوفِ خدا هجي اي حليم
رحمتِ ڪردگار اڄ ٻيي آه

## الله بخش انصاري، حبابؔ

مجبورين جو حال سڻائي ڇڏيو اٿم
حيران جانمن کي بڻائي ڇڏيو اٿم!

هي درد، هي فراق، هي صدما، هي بيکسي
چاچا نہ پنهنجي دل ۾ سمائي ڇڏيو اٿم!

ڪوئي ڏسي اچي هي ڪرشمو جنون جو
دامن تي لاله زار ڪلاوئي ڇڏيو اٿم!

منهنجي عظيم عشق جون ڏسجو عقيدتون
سر کي بہ سنگِ در سان ملائي ڇڏيو اٿم!

ڏسجي ٿو هن جهان ۾ کھڙا ٿا گل ڦٽن،
پنهنجي جگر مان ميڻهن وسائي ڇڏيو اٿم!

دل جان پنهنجي دوست جي قدمن اڳيان رکي
الفت سندو حساب چڪائي ڇڏيو اٿم!

بيتاب ٿي غزل تي چوي دل حبابؔ جي،
رگ رگ سندو رباب وڄائي ڇڏيو اٿم!

## فتح علي حڪيم لغاري

اڃان ته عاشق نه چيز هن ڪي اڃان ته هي ڪو جوان ناهي
نڪو نه ٿو پولي، لبن ڪي ڪولي، اڃان ته منهن ۾، زبان ناهي
نه رمز هن ۾ نه غمزهن ۾، نه سمجهه هن ۾، اڃان ته آهي
نظر سنيالي، نظر ته ڪر توڻ، نظر ۾ تيرو، ڪمان ناهي
اڃا اکين ۾، نه عشق آيو، نڪا قمر ۾، به لچڪ آهي
اڃان نه زهري، ضرب زخم سان، ذرو به هن ڪيو زيان آهي
جمال ناهي ڪمال ناهي، جدال ناهي، قتال ناهي
اڃان ته مقتل، نهي پيو ٿو، قتل جو نامو، نشان ناهي
اڃان نه ذات ۾، صفات ۾ آ، اڃان نه شاعر، جي وات ۾ آ
اڃان نه بلڪل، ڪنهن بات ۾ آ، بيان هن جو عيان ناهي
اداءِ فطري، ضرور آهي، خيال ثمري، ضرور هوندو
اهو انهن جو، مشاهدو آ، فريب وَهم و گمان ناهي
نڪو ته ڪعبو، نڪو ته قبلو، نڪو ته مندر، نڪوئي مسجد
ڪٿي ته جنهن تي، لبيڪ چيجي، اڃان ته ساهي، اذان ناهي
سدام خاطر، سليم ايندا ڪليم پڻ ٿي، حڪيم ايندا
اڃان ستمگر، صغير آهي، اڃان ته ظالم، جوان ناهي

## پير محمد پياسي

ٿي گهميس آزاد دائم، ڪوئي فڪر و غم نه هو
زلفِ پيچان جو دلِ ابهتي پيچ و خم نه هو

ياڻ کي ميٺي ڪري ويو سرخرو گل کي سدا
خون هو منهنجي جگر جو، قطرهٔ شبنم نه هو

وقت سو گذري ويو حسرت فقط باقي رهي
مون سوا تنهنجو ٻيو همراز همدم نه هو.

اڄ اُها پر ڪيف رونق، دلڪشي باقي رهي
هو حقيقت جو جهان هو خواب جو عالم نه هو!

لازم و ملزوم آهن زندگي ۽ درد ٻئي
در حقيقت درد کان آزاد ڪنهن آدم نه هو.

درمسيحائي جو دارو دل کي تو زخمي ڪيو
صد عجب! تو وٽ دلِ مجروح جو مرهم نه هو.

راز هو دل جو پياسي رازتي سمجهيم مگر
حال جي واقف کان هرگز حال سو مبهم نه هو.

## مظهر سيوهاڻي

پنهان رهي ٿو عشق حقيقي مجاز ۾
محمود غزنوي جيان ٿو هو اياز ۾

ڪوئي هجي گدا ڪه شهنشاه مملڪت
چاهي اگر عروج ته نوڙي نياز ۾

ڪنهن جا هزار تا ۽ سوين رنگ روپ ٿيا
مضمر رهي ٿو نور سدائين ته راز ۾

معشوق ڪان خدا ڪري عاشق جدا نه ٿئي
گذريس شال عمر نه سوز و گداز ۾

مظهر اسان جي گفتگو سمجهي ڪو اهلِ دل
جو جاڻي فرق بنده و بنده نواز ۾

## غلام رسول راز

تنهنجو عاشق يار ٿيو توکان سواءِ دلگير آهه
ڇو اچا تائين ملڻ ۾ توکئي تاخير آهه

خشڪ لب، گوڙها اکين ۾، دل پريشان الامان
داستانِ غم سندو هي مختصر تفسير آهه

ڪين تون برباد تنهن معصوم دل کي ڪر صنم
نقش جنهن تي يار تنهنجي هو بهو تصوير آهه

مون گهڻا حيلا هلايا هار ٿي ٿيندي رهي
جو مقدر جي اڳيان مجبور ٿي تدبير آهه

ڪين هن هُن سان وڙهي ٿيندين بهادر پر فقط
نفس پنهنجو ماريو جنهن مرد سو مهمير آهه

گوش ڏي پڻ هوش سان ڪر پيروي پيغمبري
ڪين منزل تي رسي جو بوالهوس بي پير آهه

موت ئي ظاهر ڪيو افسوس هي رازِ حيات
"زندگي انسان جي هڪ خواب جو تعبير آهه

## قاضي محمّد علي آختر موراڻي

" فرسٽ ڪم ائنڊ فرسٽ سرو ڊ" دنيا جو دستور آ
پڻ " بوائز مئڪ بوائز" ڪان به هر مجبور آ

مال مسترتون تڳيءَ سان ڪين ميرٽ ياد رک
" ايزي ڪم ائنڊ ايزي گو" بس مثل هي مشهور آ

جي ڪرين ڪنهن سان ڇڱائي نظريه رک خيال ۾
" ڊوگڊ ائنڊ فارگيٽ" يُ دوجهان جو نور آ

ڪم ڪري ان جو اجور وڪر ٻيلي حاصل سدا
" نومل" ۽ " نوميل" پڙهه ڏس جنهن ڪان هر مسرور آ

دوستي واري وڏائڻ جي گهرين تو ڪائنات
بس " برائيڊل يوئر تنگ" ڪان هر ڪ مشڪور آ

"ايسٽ آر وليسٽ " ڪي پڙهه گهر سي ڪان آ ڇڱو
" هوم ازدي بيسٽ" بيشڪ راز سان پرپور آ

ريءَ محنت تاج" اختر " ڪين ملڻو آ ڪڏهن
" نوڪراس نوڪرائون" توکي گر منظور آ

## نشتر ناٿن شاهي

دل جي ڪسڻ ۾ يار تون قابل نظر اچي
عاقل ٻران جي آڏو تون جاهل نظر اچي

اچ داستان درد جي تحرير واسطي
ڳوڙهن سان دل جو خون تون شامل نظر اچي

ديدون مليون جي دوست جي ديدن سان عيد ٿي
هن عيد مثل عيد ٿي مشڪل نظر اچي

يا تو جذهن کان پيرمون الفت جي راه ۾
آفت قدم قدم تي نازل نظر اچي

سوز نڌگيون ملن ته ٻه قربان ڪندو رهان
نالو ٿي جو تنهنجو ڪو سائل نظر اچي

ساقي جو لطف عام ٿي اچ عام تون ڏسان
جنهن کان ٿي خوب رونق محفل نظر اچي

روڪي دوا مسيح جيو ناه پيو مرض
حيران بتن جي عشق ۾ ٿي دل نظر اچي

نشتر ٿي آه تير نگهه جو نشان دل
بي دل ٿوان کان بعد ۾ بسمل نظر اچي

## عبدالخالق سومرو جوڳي سروري

اچي سڪون سڄڻ بخش بيقرارن کي
سهارو تنهنجو فقط آهي بي سهارن کي

اُهي به ڏينهن هئا دل جو باغ به سبز هئو
خدا ڪٿي وري آئي اُنهن بهارن کي

گهڻوئي ڪوشش دل ۾ ڪيم وسارڻ جي
مگر وساري نٿي دل ڪڏهن پيارن کي

هر ويڙ ۾ تو لڪين پنهنجي دل نوازن کان
نه ڏار يار تون ڪر پنهنجي قربدارن کي

خوشي ڪٿي وئين اي يار غم ڏئي وئين تون
قرار ڪهڙو ملي ٿو بيقرارن کي

نه آهي توکي خبر رات منهنجي ڪيئن گذري
سندم هن حال جي اٿئي خبر ستارن کي

نيائڻو جي اٿئي جوڳي سروري توکي
ته پوءِ ميار نه ڏي سوچ بي ميارن کي

## اسلم مصراڻي

تنگدستي ٿي رهي محوِ تلاشِ روزگار!
ان ڪري انسان رهي ٿو سوخته دل بيقرار!

زندگي آهي مقامِ غيرت و عزم و ڪمال،
گردشِ خون جو ڪري پيل ذره ذره انتظار!

ٿي چوي صرصر نسيم سحر درگوشِ حيات
او تغافل ات! متاعِ رزق سان ٿي همڪنار!

دؤر حاضر آه طرز مسندِ فرعون وعوج!
ٿي رهي صبح و مساء جنبش ۾ موسىٰ جي مزار!

وسعتِ پرواز سان، اسلم هجي ذوقِ نگاه،
"زمرهٔ لايحزنون" ۾ باعثِ صد افتخار!!

## گل حسن بيگس

مسلسل يار جي پيئي عاشقن تي جفا ٿيندي
انهيءَ هوندي به هر دم عاشقن کان پيئي وفا ٿيندي
عطا ٿيو عشق جو آزار گر توکان ته اي سهڻا
مرڻ تائين به عاشق جي پيئي توکي دعا ٿيندي
اچن ٿيون آخري هڏکيون زبان تو موت کي آڏو
اچي مل قيامت تک ورنه جدائي دلربا ٿيندي
قصه فرهاد شيرين قيس ليلى جي محبت جا
ٿيا ظاهر مگر الفت اسان جي بي بها ٿيندي
جي ياڻين قدر تنهنجي تڏهن ته توکي پرهيزگاري کي
ته پوتون يار جنت ويندين اتي پيئي مرحبا ٿيندي
جهان زندگاني ۾ کهي ڇڏ نفس پنهنجي کي
عبادت ڪار گر دنيا ۾ بس تنهنجي اها ٿيندي
مسيحا آهي هو بيگس هلو محبوب جي در تي
جتان آخر مريضِ عشق کي حاصل شفا ٿيندي

## اُميدعلي اميد خيرپوري

نشاط و ڪامراني ڏي ڪيو جهن شادمان مون کي
تهين رنج و الم بخشي بڻايو ناتوان مون کي

جهين جامِ محبت پئي پيئاريو مهربان مون کي
قطع الفت ڪري سوئي ڇڏي ويو ناگهان مون کي

تمنّا آهي اڄ دل ۾ ملي ڪو مهربان مون کي
الهي ڏيارِ ڪوئي آشنا و رازدان مون کي

نہ منزل جو نشان آهي نہ آهي رهنما ڪوئي
خبر نا هي رسائيندو ڪٿي هي ڪاروان مون کي

زماني بي سمر سمجهي ڇڏيو آهي وڃان ڪاڏي
خدا ڪارڻ ڪريو شامل محبت ۾ اوهان مون کي

وئي ها زندگي رخصت اوهان جي هجر ۾ ليڪن
جئياري ٿي اوهان جي انتظاري هت اڃان مون کي

وڃي اُميد هن غيرن جي محفل کي ڪيو روشن
مقدّر ۾ ملي وئي عمر ڀر آه و فغان مون کي

## عبدالڪريم پلي

تسڪين جان آهي، تنهنجو خيال جاني
توکي وساريان مان، آهي محال جاني

هن حال زار ۾ پيي، مون کي ملي ٿي تسڪين
جڏهين ڪري ٿو ڪوئي، تنهن جي مقال

اُميد سک جي گهڙي، وابسته
جڏهين جيئڻ ٿي خود پيو آهه

بيمار هجر کي ٿي، نئين
هي ناز جي نظر جو، آ

سوز فراق ۾ ٿو، تو
ڏس تون اچي خدارا

مشڪور چون دل سا
تنهنجي ئي نام مون

ثابت، جليل هڪ
دل تي ڪريم آهي

## بلوچ عبدالنبي خاتم

اي سوزِ جگر چنڊ ۾ آ داغ جگر جو
هر شيءِ ۾ پيل تنهن جو پيدا آهي اثر جو

چئو زلف و رخ يار جي تاثير بنسبت
پيدا ٿي پيو سلسلهٔ شام و سحر جو

ٿيو يار تنهنجي نقش قدم لئه
... دير و حرم ۾ ماهوسر جو

... تعصب ۾ وڃهي ڪشتي مقصد
...ٽن سان وٺن رنج و ضرر جو

...جي اهلِ وطن ۾
...ضات يسر جو

...نزل و مقصود جڏي سب
...فرتار هن مجرهِ سفر جو

...ٿيو پُر جوائي زاهد!
... مئخانه جو در جو

## محمّد هاشم خادمؔ جمالي

حسد مون سان ٿيو آهي ڇو برقِ بي امان کي!
ڪري هر هر جلائي ٿي هو مُنهن جي آشيان کي!

ڏئي دل، درد ور تو عشق جي واپار ۾ مون،
پيو ساٿي بنايو پنهنجو مون اشڪِ روان کي!

يقين آهي، مون کي ڪنهن وقت تائين هي زمانو
سبق چائي پيو پڙهندو هو مُنهن جي داستان کي!

بهارن ۾ نه پوري ٿي جڏهن مُنهنجي تمنّا
شڪايت هاڻ ڪهڙي مان ڏيان دورِ خزان کي!

قيامت تڪ، وفا ٿيندو، نه تنهن جو وعدو ڪو
مان سَمجهيو آهيان خود تنهن جي اندازِ بيان کي!

ڪيو بَرباد جنهن مون کي گهٽي عرصي کان خادمؔ!
ڪيان ٿو ياد مان هر هر انهي نامهربان کي!

## سيّد علي انور شاهه آجمل

ابروءِ يار خنجرِ قاتل نظر اچي
جيڪو نظر اچي اهو گهائل نظر اچي

جو دامِ زلف ۾ ٿي ويو قيد مُرغِ دل
آزادگي انهيءَ جي ٿي مشڪل نظر اچي

جنهن تنهنجي حسن جي آڌي هڪ جهلڪ فقط
هرگز بيءِ طرف نه سو مائل نظر اچي

هر لب تي ذڪر خير ۾ هر وقت گفتگو،
هر ڪوئي تنهنجي شغل ۾ شامل نظر اچي

دلبر جي در تي سڀ کي ملي دولتِ سڪون
خالي نه ان جي در تي ڪو سائل نظر اچي

جنهن دم ٿي راهِ عشق ۾ دلبر جي رهبري
مون کي پسِ غبار ٿي منزل نظر اچي

جيڪو نظر جو تير چٽو رائگان نه ويو
آجمل نشانو ان جي ٿي هر دل نظر اچي.

## فراق سنڌي

آکين ۾ ڪي اهڙو ٿو جادو جو اثر چو
سامهون جو اچي ، انتي وسي تير نظر چو

محفل ۾ حسينن جي نه تو جهڙو ملي ٿو
سهڻني ۾ سدا آهين تون منظور نظر چو

ايران ۾ ، طهران ۾ ، ڪشمير عدن ۾
توسان نه برابر ٿو اچي ابن بشر چو

آکين جي اشاري سان جڏهن قتل ڪرين ٿو
تن هوندي هٿن ۾ ٿو ڪٽي تيغ و بتر چو

ڪهڙي تون خطا منهنجي ڏسي ، آهين خفا ٿيو
هي ظلم و ستم آه روا شام و سحر چو

معشوق سدا عيش ۽ عشرت ۾ گذاري
عاشق جو زماني ۾ ٿيو تنگ گذر چو

شفقت جي نظر سان ٿو ڪري شاه گدا کي
پر منهنجو فراق آه غلامي ۾ گذر چو

## سيّد احمد شاه استاد بخاري

مان مري قاصد وٽس پهتس نه تربت ۾ اچا
ڏينس ڏورا پو وڃي ڇا هندين غفلت ۾ اچا؟

چونه تو منهنجي جنازي جي به هو ويجهو اچي
هاءِ هُنجي بدگماني منهنجي نسبت ۾ اچا!

اي ستمگر چونه پنهنجا هٿ ڪٽي توکي پٽيان،
شل خدا توکي وڌائي شان و شوڪت ۾ اچا.

عقل وانڪل، هوش و دانش، دين وايمان الوداع
وڪ به پوري مون وڌي آهي نه وحشت ۾ اچا.

هل ته اي زاهد! هلون اچ ڪوچهءِ جانان گهمڻ
پڪ ته توپاتو نه هوندو پير جنّت ۾ اچا.

نااميدي ڏسجي ٿي هر حال ۾ اُستاد پر
نااميدي کي اميد آ ڪنهنجي رحمت ۾ اچا.

## الهه بخش آتش جو ڪيو

اڄ وري موٽ ڪي مليو يار سڀ
دردِ دل ويو دور ٿيا اغيار سڀ

دلربا منهنجي ڪجل ڪاڻي وڌي
جي ڏسڻ سان ٿي ويا بيمار سڀ

منڊ محبت جو سندءِ اهڙو وڌيو
ڪاڪ تي ڪوندر ڪنا لاچار سڀ

مرحبا آ، پي رکيءَ تنهنجي مٿي
جيئن ڪرين تيئن ٿو نهي دلدار سڀ

سونهن تنهنجي جو ڪيان ڪهڙو بيان
هٿ وجهڻ سان ٿيا قلم بيزار سڀ

جس سنديئي گهور تي آتش ڇپوي
هڪ نظر سان ٿي ويا ڏڪڙ ڌار سڀ

## ماستر غلام رسول شوخ

اوهان کي جي دلتان وساري ڇڏيو سي
ته ڄڻ پاڻ کي پاڻ ماري ڇڏيو سي

نگاهه - ڪرم جي نوازش جي خاطر
اميدن جي سڀ ڪجهه پناري ڇڏيو سي

فراقن جي قتيل ۽ مغموم دل کي
اي حاذق ! اوهان جي سهاري ڇڏيو سي

گذاري ٿيو جڏهن ڪو ۽ جانان مان هيڪر
نمائي نظر سان نهاري ڇڏيو سي.

حوادث ۾ آئي سڄي زندگاني
ڪٿي آئي طوفان ڪناري ڇڏيو سي

جلي دل ته اڪثر اثر آهه جي سان
”هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيو سي“

لڳي شوخ شوخي ۾ سنڌ ۽ پياري تڏهين
سدا دل ۾ توکي وهاري ڇڏيو سي

# غالب لطيف

مون کي سڏيو ٿا ديوانو
هوش نہ ڪريو ڪجھ نادانو

دنيا ساري آهي دوکو
پنھنجو ئي آ اڄ بيگانو

دل ۾ درد غضب جو آهي
ضبط جو ڇلڪي ٿو پيمانو

اکين ۾ ڪجھ دم آ ساقي
پاڻ پيري ڏي هڪ پيمانو

روز ازل کان غالب تنھنجو
آهي شيدائي ديوانو

## عبدالحق عابد جو ڪيو

ٿي عجيبن سان ملڻ لئہ انتظاري روز شب
قيد آهيان ، چاڪيان ، آبيقراري روز شب

نيڻ جنهن جا نازوارا ، گهور سان گهائي ويا
دل ، جگر ، سينو ڦٽي ويا ، لڙڪ جاري روز شب

راز ۽ رمزون پڌايم ٿي مٺي منٺار کي
حال محرم رازدان ٿي دل ڏتاري روز شب

پاڪ نظرون ٿي مڙيم دلربا دلدار سان
ٿي نهاري نازسان تنهن گهورماري روز شب

ياخُدا مقبول ڪر منهنجي دُعا درگاهہ ۾
توڪري عابد سدائين نوبہ زاري روز شب

## آهه ٻڇايو ملاح جگر بدينوي

برھ جي باھ جا ڀڙڪا پيا ڀڙڪن اڃا تائين
هڏا اڇم ماھ ۾ ٻيرا ٻرن ٻڙڪن اڃا تائين

پسم تي ويو بدن منھنجو جلايو عشق جي الن
ڪڙا طوفان غم جا ٿا اچيو ڪڙڪن اڃا تائين

ڪيو پرواھ بي پرَ خيال ٿي ڪٽ ٿي وڃي پھتو
خدايا خيال جان رک جا جڙا ڦڙڪن اڃا تائين

اوھان جي ياد ۾ ٽڪ ٽڪ ڪري دل چٽ پڙھي تسبيح
پڙھي سون ڪجھ عيڙ ھندا سون اھا ڌڙڪن اڃا تائين

رقيبار مز چيڏ رويا ڪُڪڙ چٽ رات ۾ آھين
منجھي مريندين نہ آندو آٿر دڙڪن اڃا تائين

عجب سڌ ڪا پري دل تي عجب آنسو وھائي تہ بہ
اسان جھڙن وھيٽن تي نتا وڙڪن اڃا تائين

اوھان جي بيوفائي کي ڏسي ڪنھن سانوانگي ٿيون
سنون جيرا جگر ٻڪيون رڳون رڙڪن اڃا تائين

## مير محمد ميرل جويو

قضا سان جي ڪٽي مون ڪان سندءِ آڏو خطا ٿيندي
تہ تو ڪان اُن جي عيوض ۾ يقين آهي عطا ٿيندي

اگر رُسوائي منهنجي تي ٿيو دلبر تون خوش آهين
رهِ الفت ۾ اهڙي رسم بلڪل نا روا ٿيندي

قفس ۾ ياد هر هر ٿي اچي گلشن سندي مون کي
خبر ناهي ڪڏهن حاصل چمن جي ڪا هوا ٿيندي

نہ ڪر آه و فغان بلبل اجها تبديل ٿي موسم
گلستان مان خزان ويندي بهار انہ قضا ٿيندي

نہ آ معلوم الفت ڪهڙي منزل جي طرف مون کي
چيڪي تائين رسائڻ لءِ اچي جلوه نما ٿيندي

رَسي الفت ۾ رُسوائي، اچا هي پهرين منزل آهه
خبر ناهي تہ تنهنجي عشق ۾ ڇا انتها ٿيندي

نہ ڪر اظهار غم بيدرد آڏو ورنہ اي ميرل
جڏهن ٿيو راز افشان ختم پو مهر و وفا ٿيندي

## ماستر محمّد صدّيق اشرف پورٹائي

ڪون ڪو آهي سهارو اي منا تو ڪان سوا
زندگي ٿو زهر سمجهان دلربا تو ڪان سوا

تون ئي آهين رازدان، همدرد، همدم، همخيال
تنهن ڪري ڪيئن خوش گذاريندس ڀلا تو ڪان سوا

جو گذارين ڏاڍ ٿو هر وقت مون سان گڏ گذار
حال بلڪل ٿي ويا آهن بُرا تو ڪان سوا

جي ٿيو ڪو ڏوهه مون ڪان ته به معاف ڏي مفا
ڪير بخشيندو ڀلا منهنجي خطا تو ڪان سوا

مان حڪيمن وٽ ويس پر فرق ڪو پائي جو نه ٿيو
ڪانه ٿيندي هن مرض مان ڪجهه شفا تو ڪان سوا

تون جي گڏ آهين ته مون لئه عيد آهي بهار
جدائي ۾ وري چٽ ڪربلا تو ڪان سوا

روز شب اشرف رهي ٿو غمزده ۽ اشڪبار
ڪجهه نه ٿا دل کي وڻن هر دوسرا تو ڪان سوا

## محمد مسڪين، مسڪين نوآبادي

سواءِ تنهنجي نه آهي چمڪ ڪا تارن ۾
رهي نه آهي اها دلڪشي نظارن ۾

رکي اميد ٻئي سگهجي اميد خارن ۾
وفا نه آهي مگر ڪا اجوڪي يارن ۾

ويو آ اصل لڪي ۽ رهيو آ نقل هينئر
پڌائي ڪير سگهي حق ڏي اڄ عيارن ۾

ڪنيو سدا تان يقين تو نه توکي ڇا مليو
رهين ٿو مبتلا هر وقت تون خسارن ۾

سڻ ايان ڪين ها مسڪين پاڻ کي هرگز
ٿئي شمار ها منهنجي بخت وارن ۾

## وَلي محمّد انصَاري نَدِيم

چمن وارا وري اڄ ٻاڻ ۾ هڪوار اٿڪي پيا
وڻن سان ڏار اٿڪي پيا، گلن سان خار اٿڪي پيا

مٿل محفل ۾ منهنجي سبز قدهي رنگ هي لاتو
صُراحي جام سان، ميخانه سان ميخوار اٿڪي پيا

سوين پيرا ويس هنگي سڻائڻ حالِ دل پنهنجو
گلي ۾ لفظ پڙهن جي اڳيان هر بار اٿڪي پيا

دعاءِ صبح گاهي جيئن رسي دلدار جي در تي
پيا مي منهنجوءِ ان در جو چوڪيدار اٿڪي پيا

درِ دلدار تان لوڏيو گهڻو دربان پر منهنجا
قدم اڪڙيا نه ۽ منجهه سايۂ ديوار اٿڪي پيا!

ڪري توبه ستم کان هن ڪيا ٿي پيچ زلفن مان
مگر هر بار برهمڻي ٿڙيءَ سان وار اٿڪي پيا

صُراحي سان نه پيمانه سان منهنجو ڪم نديما ڪي
اجايو مون سان هن جي بزم ۾ ميخوار اٿڪي پيا

## ثاقب ڪيهتوي

اڄ هو محفل ۾ بي نقاب آيو
چڙ ذاڪڻ هو آفتاب آيو

هر ڪوئي هوش ۾ ٿي رهيو ليڪن
طالبِ ديد ڪامياب آيو

هن ته مون سان گفتگو ٿي ڪئي
پر عدو شادمان خراب آيو

هر ڪو گل هر ڪو غنچو آهي جوان
باغ ۾ ڪو پُرشباب آيو

وصل جو مون ڪيو سوال مگر
مون کي جانب ڪنان جواب آيو

هو ڳلي اڄ ايئي مليو ثاقب
"دل جي دنيا ۾ انقلاب آيو"

## پروين اختر آمنه

زبان تي ورد الا الله جنهن جي هر زمان ٿيندو
يقين ڄاڻج ته ناجي حشر ۾ سو مسلمان ٿيندو

پڙهي دين دنيا لئه هڪ قرآن آ ڪافي
قيامت تائين بهتر ڪو نه اهڙو داستان ٿيندو

جهانن بن جي رحمت آهه بيشڪ مصطفيٰ مرسل
انهيءَ جو شان محشر ۾ شفاعت سان عيان ٿيندو

ڪئي ٿي تخت رفرف تي جنهن سواري سچي سيد
چيو جبرئيل ٿي جلدي خدا سان رازدان ٿيندو

جهليو هو طور تي موسيٰ ويو احمد جتي سان هت
انهي کان وڌ ڇا پيو شان سيد جا بيان ٿيندو

چيو صلوا علي جنهن خدا خود شان ۾ ان جي
ثنا خوان آمنه پيو چوڻ هر هڪ انس وجان ٿيندو!

## نثار بزمي

نقابِ شب ۾ جمالِ سحر تلاش ڪجي
اچو تبسمِ گل هاءِ تر تلاش ڪجي

ربابِ وقت تي ڇيڙيون ترانءِ ابدي
سڪوتِ مرگ ۾ عزمِ خضر تلاش ڪجي

ذره ذره ۾ ڪو ڳوليون فروغِ ماه و نجوم
رداءِ خاڪ ۾ لعل و گهر تلاش ڪجي

فضا جي دوش تي جهولايون پرچمِ عظمت
شڪسته غم ۾ نشاطِ ظفر تلاش ڪجي

چمن اداس آ، گل سرنگون ۽ فضا خاموش
اچو تلاطمِ برق و شرر تلاش ڪجي

نياز و ناز جا تازا ڪريون ڪي افسانا
بہ ذوقِ عجز ڪوئي سنگِ در تلاش ڪجي

خروشِ عزمِ سفر کي جوان ڪريون بزمي
غبارِ راه ۾ ڪو راهبر تلاش ڪجي

Soorih Mirani

## شيخ رشيد مرزاپوري

تون تہ آهين شاهِ خوبان هر طرح
توکي ٿو مان ياد ڪريان هر طرح

حسن ۾ تو ساڻ هرگز مهلقا
مٽ نہ ٿيندو ماهِ ڪنعان هر طرح

تو ثنا تنهنجي ڪريان مان دائما
مون ڪيو سر مال قربان هر طرح

جا ڪيم جاني خطا سا ڪر معاف
گهر خطا جو آهہ انسان هر طرح

لنجي ويو سڀ هاڻ اسبابِ خوشي
غم جو گڏ ٿيو آهہ سامان هر طرح

فرقت - جوش - جنون ۾ ٿي ويو
دل جو آهي مُرغ بريان هر طرح

تو بنا ڪاڏي وڃي تنهنجو رشيدؔ
تنهنجي مشڪل ڪر تون آسان هر طرح

## مُحمّد علي حدّاد

مون دل توکي ڏني دلربا
ڪٿين نہ ڪٿين تنهنجي رضا

تو تہ هائي نہ ڪئي مہ لقا
توکي ڪيئن چوان بيوفا

هر شي آخر ٿئي ٿي فنا
محبوب منهنجي کي حاصل بقا

مان ڦٽڪان تون ٿو کلين
مان سزاوار تون بي خطا

حُسن تنهنجي جي هاڪ سهڻا
ٻڌي جنهن بہ ٿيو سو خطا

حڪيم طبيب خاموش آهن
تنهنجا نظريل دوا ڪان جُتا

دلبر سندي بيرخي اي حدّاد
ونئيو مون کي آ دارالبقا

## پليڊ نو ڀهتر

جي جيءَ چاهين جهان ۾
رک نظر تون ڪهڪشان ۾

آس منهنجيءَ جي خدايا
ڪول مڪڙي دلستان ۾

جي ڏسين تصوير منهنجي
درد جي ڏس داستان ۾

نينهن رک پردي نشين سان
لطف ڪونهي ڪو عيان ۾

پوليون معزز مڙيئي
پر مزو سنڌي زبان ۾

ماه طلعت ملڪ جو شي
چمڪ چوڏس آسمان ۾

ناز سان ڀهتر ٻيلي رهه
ديس هن عالي نشان ۾

## عباسي غلام مرتضیٰ ملازم

تو سوا ٿي ڪين سگهندو سونهن جا سرور علاج
پاڪ پرور شل ڪري تو وٽ سندم ڪنهن پر علاج

تون سخي لڄپال ۽ همدرد پڻ همراز پڻ
پو پلاءِ ڪاٿي وڃي پنهنجو ڪري احقر علاج

جي دوا خاني اوهانجي کان ٿيس مان لا علاج
پو بيابان ۾ ٿيندو يا گدو بندر علاج

ناز ۽ انداز ڇڏ هٺڙي جدائي پڻ نه ڪر
ڪر خدا جي واسطي هن مرض جو هيڪر علاج

تنهنجي قدمن کي چمڻ سان منهنجي حالت ٿئي چڱي
آه شايد رخ منور ۽ لب احمر علاج

تنهنجي الفت ۽ جدائي ۾ سدا صدما سنم
چاڪ ري هي نيهن جي ناسور جو نوڪر علاج

مون ملازم کي ملڻ کان جي رکيو محروم تو
پو ته شايد ٿي سگهي ٿو ماتم ۽ محشر علاج

## مجذوب لاشاري

ماھرُو محفل ۾ آيو دوست دل آرام اڄ،
گھورسان گھايو گھٽن کي گُلبدن گُلفام اڄ

مھلقا مُرڪي ڏنو نازڪ نگاھِ ناز سان
خون ٿيا ڪي خان رِڪلندي خوبرُو خوش نام اڄ

خال ائين رخسار تي، جيئن گُل متي ماڪِ ڦِڙي مڪ
دل کي دلبر ديد جو دلدار پاتو دام اڄ،

"جام" ھٿ ۾ "جام" لب تي، "جام" پيتو "جام" تان
ميڪدي ۾ ميڪشن جا "جام" ٽڪريا "جام" اڄ

ڪو نه پيند ڪو اسان وانگي شرابِ بيخودي
ووٽ سارو ڏي اسان کي جي ھُجي "خيام" اڄ

جن پتوڙ پيو ياٽ کي سي پيار کان پاسي رھيا
مات وارن کي مليا انعام ۽ اڪرام اڄ

ھاڄ ھر ڪنھن جي نه آڪي رندجاڻن راز ڪي
سالڪن سمجھي سَچي مجذوب مخفي مام اڄ

# سيّد غلام محمد شاهہ مشتاق بخاري

عيدون هزار پانيان، جي منغلو مٿي
قسمت جي پاوري ٿئي، اميد پر ٿئي

دک در دل جا هڪدم ٿي دور سڀ وڃن
مونتي جي هنجي يار، وهڪي نظر ٿئي

هي حال زار منهنجو، پرين جي پيش ڪج
باد صبا! اتان جي، تنهنجو گذر ٿئي

مون کان رُٺا رهن ٿا، منهنجا پرين تڏهن
دانهون رڙيون ڪيان پيو، من ڪو اثر ٿئي

اهڙي دُعا ڪيو ڪا، دل سان اي دوستو!
دشمن سند مٿي هميشہ زير و زبر ٿئي

ڪشتي آزندگي جي، لوڏن ۾ لهر ۾
مولى ڪري ته شل ڪو پنهنجو سفر ٿئي

مشتاق ناه پرواه، منڪر نڪير جي
دلبر جي در اڳيان جي، منهنجي قبر ٿئي

## نيڪ محمّد بلوچ

مون بيقرار کي ڪوڪٿ ٻيو قرار ناهي
محبوب هموطن سواءِ همڪنار ناهي

شب روز دلربا جون راهون تڪيان ٿو هردم
مون کي نصيب ٿيو هت هن جو پيار ناهي

پنهنجن هٿن سان جنهن ڀي جام و سبو ڀڃي
ساقي قريب مون کي سو ڪڏهن بدار ناهي

جنهن لئه اداس بيحد بيچين مان رهان ٿو
تنهن کان بغير منهنجو ڪو رازدار ناهي

هن کان پري مان آهيان سو کان پري هو آهي
پر دل اسان جي ٻاهرڪ دم به ڌار ناهي.

تصوير نقش دل تي دائم مدام هن جي
تنهن کان سواءِ منهنجي دل سازگار ناهي

مشتاق من مدامي دلدار تو لئه دمبدم
تو کانسواءِ مون لئه بلڪل بهار ناهي.

مان ياٽ کي نه هرگز هن کان پري سگهان ٿو
مون کي ته پنهنجي دل تي ڪجهه اختيار ناهي

غمگين نيڪ محمّد آخر ته شاد ٿيندو
غم جو زمان هميشه ڪو پائدار ناهي

# محمد خان خوشتر

دل درد ڀري کي ڳهرج ڳهٽي محبوب جي ماڳن ماڻڻ جي
سالڪ عمل ساڻي نه ٿيو جو راهِ رضا سمجهي نه سگهيس

جان ماه لقا منٿار اچي همراز ٿيو تا هيبت ۾
اذڪار حقيقي حالن جا عنوان گهڻا سمجهي نه سگهيس

دک درد هزارين الفت ۾ سامان سکن جا آڻن ٿا
ڇا وعده وفا مسرور ڪري جڏهين جو جفا سمجهي نه سگهيس

مجنون جي مثال محبت ۾ ڪي مرده پي با جان ٿيا
هي صور مسيحي ڇيڄي يا ديدار دوام سمجهي نه سگهيس

ڪثرت جا ڪشالا شڪوه ڪرين ڦيج وقت وصال وحدت سان
اصلي پو ڪڏهن چوندين ٿا ائين منزل جا مزا سمجهي نه سگهيس

مان بحر عميقي جا سمجهان ساحل نه جهين جي سات ڏنو
تو ري ۾ ڪٿي جيئجي ته ائين هر چيز ادا سمجهي نه سگهيس

هي جو تو ڪري هو سو تو ڪري آزار وڏو هي رمز پيو
دنيا ۾ ڪري تو ڇا ڇا ڏس خوشتر جو خدا سمجهي نه سگهيس

## خواجه غلام احمد بيدم

اي ستارو! منهنجي اکين ۾ رهو اڄ رات جو
دردِ تنهائيءَ سندم دل تي سهو اڄ رات جو

مون تي جيڪا پيئي گذري سا ذرو ڏسندا رهو
همدمو! مون کي تسلّي ڪا ڏيو اڄ رات جو

ڇا ٿيو آهي محبّت جو اثر دل تي مٿان
منهنجي لڙڪن جي رواني ۾ ڏسو اڄ رات جو

ڇا ٿو آهي اونداهي وهي اوندهيرو پر غضب
تا سحر ڪجهه روشني ڏيندا رهو اڄ رات جو

ڏينهن سارو لڙڪ واهيندي گذاريم همنشين
ڪاش، بيدم جو ٿئي همدرد ڪو اڄ رات جو

## مسرور تصوّري

نہ درد جدائيءَ جو ارمان آهي
فقط تنهن جي چاهت جو خفقان آهي

تصوّر جي واديءَ ۾ اي دلربا اڄ
جهان نظر اچ پريشان آهي

ڪري خون پيو اچ بہ قاتل اسان جو
ٿيو خونِ بسمل ڇا ارزان آهي؟

اي حسنِ تبسّم ٿئي جلوه ريزي!
شبِ تيره ۾ سخت هيجان آهي

ٿيا سور رخصت ملي آهي راحت
”هي تنهنجي نگاهن جو احسان آهي“

عجب لطف مون اڄ ڏٺو آ صبا ۾
نظر هر ڪا گلشن ۾ گريان آهي

پڇين ڇا تو مسرور حالت اسان جي
سدا درد الفت جو گردان آهي

## غلام اڪبر حاوي

نه دل آهي نه دلبر آ نه ڪنهن جي جستجو آهي
سدا فطرت تخيل جي تراوت هو بهو آهي

فغان ناهي ڪا فرقت جي سچا ٿا رمز الفت جي
تصور جي نگاهن سان نظارو دو بدو آهي

شرارت ڪر جفا ڪر ۽ ستائي خوب تون مون کي
مٺا دلبر جفا شوخي شرارت زيب رو آهي

ڪيو آ ترڪ بلبل آشيان ديدار گل خاطر
نظار ويار جو مون لئه سدائين سو بسو آهي

نه مئي جي آ طلب مون کي نه مئي خوارن جي ڪا حاوي
اٿي ساقي نگه تنهنجي نگاهن ۾ سبو آهي

## لغاري محمّد هوت مجرم

ڪين مون ڪان ٿا ٿين ڪُرڪار اڄ
ڙهر منهنجي لئه ٿيا گهر بار اڄ

پيو وري موني ملڻ ٿئي نه ٿئي
ڪا گهڙي گڏجي سجڻ تون گهار اڄ

دل ڏنم ۽ درد مليو دوست کان
واه مون کهڙو ڪيو واپار اڄ

تون وري آئين نه واهوندا وريا
مند موني آئي ڏس ملهار اڄ

چونه مون کي ياد تون دلبر اچين
جو لڳي تاڙي کي تُنهنجي تار اڄ

ويا وسيلا سيپ وِلهيءَ جا وسگهو
مل اچي مهراڻ ۾ ميهار اڄ

پنهنجي مجرم جون خطائون ڪر معاف
ول ڪر منٺار اڄ

## ساجد لعلپوري

ڪرين ٿو ڇو وڏائي تون وڃي زير زمين ٿيندين
زمانو بي بقا آهي هتان آخر لڏي ويندين

هتين خالي هليو ويندين ڇڏ سڀ مال ۽ دولت
نه ڪو ٿيندءِ اتي ساٿي نه ڪوئي ساڻ ئي نيندين

نه ڪنهن سان ڪا عداوت رک نه ڪنهن جي ڪا شڪايت ڪر
نه ڪو رهندين هميشه هت نه ڪو واپس وري ايندين

نه ڪر ظلم و ستم خلقِ خدا تي رحم ڪر ظالم
ڏکيو ٿيندين قيامت ۾ اگر ڪنهن کي به ڏک ڏيندين

ڀلو ڪر تون ڀلو ٿيندو اهو دستور آ ساجد
حياتي جو ٽڪاڻو ڇا، ڇڏي دنيا مري ويندين

## امتياز احمد سپيو ڪربلائي

قيديائي ڪوٺن ۾ موت منو پايان مان

پنوهارين ساڻ پهون روز ولس ٿي وار ٻيھر
ڪين ڏسان ٿي ڏيهي ايڏو ٻيري آهيان مان

طرحين طعام مون کي آڇين پيو سپيو ايڏا
ڪاڄ اسان جو ڪنييون ڪاهڙ ۾ ڪايان مان

سرتين کي ساري هٿ روز هنيون هاريان ٿي
"نياپو ملي ٿل نڪران" گيت اهي ڳايان مان

پنو هارن جي ٻيڙ ۾ رسم اها ناهي رواج
پنهنجا ٻراٽا پکڙا اهلن ٿي نمٽيان مان

سپيو جيئن سانگين جا قول ڪيل شل پاري
سيج سمهي سانگين جي لوئي ڪين لڄايان مان

## ماستر اي شجاع عباسي

تن ۾ آ ٽوٽاٽ ٽون ٽون ٽون ٽه ٽون ٽون ٽون لڳي
منجهه ۾ ڳن ڙونگاٽ ڙون ڙون ڙون ٽه ڙون ڙون ڙون لڳي

مه جبين جي ديد خاطر روز و شب مان ٿو ڦران
دل ۾ ٿي ٻوٻاٽ ٻون ٻون ٻون ٽه ٻون ٻون ٻون لڳي

تنهنجي باغ حسن جي ڳون ٿي وڻي گر دو نواح
جت ڇڙين ڇونڇاٽ ڇون ڇون ڇون ٽه ڇون ڇون ڇون لڳي

ڪر سخا هڪ جام الفت پنهنجي ”چشمي“ مان پري
”شين“ ۾ ٿي شوشاٽ شون شون شون ٽه شون شون شون لڳي

ناصحا ”تنهنجي نصيحت جي ڪشش ٿيندي نه ڪا
جي ڪن ۾ لولاٽ لون لون لون ٽه لون لون لون لڳي

عشق جي افلاڪ جو آ پيچ و ڪچ ۾ خطر
دهر ۾ ٿي ڏونڏاٽ ڏون ڏون ڏون ٽه ڏون ڏون ڏون لڳي

منزلِ مقصود تي آخر جو هلندو هي شجاع
قلم ۾ جو ڪونڪاٽ ڪون ڪون ڪون ٽه ڪون ڪون ڪون لڳي

## ماسٽر احمد علي آداسي

توڪل جن ڪيو آتن جو بيڙو پار ٿي ويندو
اسان کان دور دنيا جو سچو آزار ٿي ويندو

ھلي تو چال خود غرضي جي جيڪو اڄ زماني ۾
اھو بدبخت عالم ۾ خراب و خوار ٿي ويندو

خلوص، انسانيت، مهر و محبت جي ٿيو پيدا
وڏو ھن دور ۾ اي دوست ھي آڌار ٿي ويندو

ڀلو ڪر تون غريبن جو يتيمن عاجزن جو پڻ
يقين پور رسولِ پاڪ جو ديدار ٿي ويندو

مثالِ چنڊ ٿي روشن جهان کي روشني ڏي تون
سچائي جي سبق سان ھي جهان سرشار ٿي ويندو

ٿئي سڀ دور اي مولا اسان جي تيره بختي اڄ
اسان جو حال بهتر دل ٺڏو سوار ٿي ويندو

آداسي گر ھجي دل ۾ محبّت ڪجھ وطن لاءِ
اسان جو ملڪ پڻ صد غيرتِ گلزار ٿي ويندو

## خاوند بخش ساقي

لبريز ڏي ڪري تون جامِ شراب ساقي
آهي اچا ته منهنجو دورِ شباب ساقي

آيو جو ميڪده ۾ فردا جو غم نه پهچي
ڏي جام جام تي تون اڄ بي حساب ساقي

هڪ جام سان ته حاصل ٿيئي جهان ٿين ٿو
زاهد پوءِ ڪي سمجهي ڇو ٿو خراب ساقي

الله تشنگي جي ديوانگي ۾ پيتم
ڇا جو گناه ڇا ٿان ڪهڙو ثواب ساقي

ڪڏهين نقاب رُخ تي ترڇي نگاه ڪنهين
آهي عجيب تنهنجي طرزِ حجاب ساقي

هي برق پاش نظرون انداز ڪافرانه
توبه شڪن مليو آ توکي شباب ساقي

ٿيندو نظامِ عالم زير و زبر گهڙي ۾
بهر خدا نه لاهج رُخ تان نقاب ساقي

تنهنجي حضور ساقي غم جو پڙهي ترانه
رحمت ۾ بس مٽيندو تنهن جو عتاب ساقي

## نورُالدّين روشن قريشي

اي صبا اڄ ھي نياپو ڏي وڃي دلدار کي،
حال سارو پلڪ ۾ پڇاءِ تون منٺار کي

جسم ھي جوشِ جنون ۾ ٿو پيو سارو جلي
ٿي پيو مون لاءِ مشڪل منھن ڏيڻ آزار کي

دلربا جيڪر اچي پيو غم نہ مجبوري رھي
تازگي جھٽ ٿي وڃي ھن برہ جي بيمار کي

ٿي ويو عرصو گھڻو مليو نہ آمارہ لقا،
سال سارينديءَ ٿيا ھن محب منٺڙي يار کي

آرزو روشن کي آھي آدم بدم ديدار جي
سڪ منجھان سڏڙا ڪيان ٿو ساہ جي سينگار کي

## ناظم رانجھاڻي

سانول سرجا سائين! مون کان پيچ نه پيرو
آئون نه تنھنجو آھيان، مڙو خواه ميرو

پانيان غير تو ڙيءُ، سڄڻ سيڻ سارا
ٽڪاڻيڻ روئي تنھنجي راه پيارا

اچي ويھ عجيبا، ڪري دل ۾ ڏيرو
ڏيئي داغ فرقت نه ڇڏيُ ڪي جلائيجه

پنھنجو دوست ديدار خدارا پسائجه
وصل لاءِ وارث! پيريو پر تئون پيرو

آھي ورد وراڳ صبح، شام تنھنجو
ورد زبان آه فقط نام تنھنجو

جلي ٿو جيئڻ کان جگر جان جيرو
ڙھر زندگي آه جدا تو کان سھڻا

قربئون قدم اچ ڪٽي من مھڻا
ناظم آھي اداسي نو لاءِ سنجھ سويرو

طريقو جي ڏسيندين مون کي رندانو ته چا ٿيندو
بڻائيندين جي مون کي پنهنجو ديوانو ته چا ٿيندو

رقيبِ روسيه جنهن جي تصوّر کان ڏکي ٿي دل
پري ساقي ڏنو جي هن کي پيمانو ته چا ٿيندو

محبّت ئي ته پنهنجي کل متاع زندگي آهي
اها ئي پر بڻي ويئي جي افسانو ته چا ٿيندو

نه تنهنجي رونق بزمِ طرب ۾ ٿي ڪمي ويندي
اچي ويو تنهنجي محفل ۾ جي ديوانو ته چا ٿيندو

گذاريم ڏينهن فرقت جو اي همدم ڪنهن به طرح پر
جي ٿي وئي رات، پڻ فرقت جو نذرانو ته چا ٿيندو

مسلم حسنِ شمع ۾ مسلمان جي تاباني
مگر قربان ٿيڻ آيو نه پروانو ته چا ٿيندو

توقع جنهن ۾ آهي آسرو جنهن ۾ رکان ٿو شاد
رهِ الفت ۾ سوئي ٿيو جي بيگانو ته چا ٿيندو

## احسان علي "احسن" جو ڪيو

سڌائين تُو مسلمان تون اٿي ايمان پيدا ڪر
جهان ۾ آخرت لئه ڪو چڱو سامان پيدا ڪر

حقيقي راحتن لئه صدق ۾ سينو صفا ڪر جي
صداقت ۽ عدالت جا وري پيمان پيدا ڪر

خدا جي ڏس خدائي تون، خدا کي ڏس خدائي ۾
سڪون زندگي ۾ موت جو ارمان پيدا ڪر

ڪيي ٿو جوشِ ايماني، ڪيي ٿو قول قرآني
وري تون جوش جذبي ۾ نئون هڪ شان پيدا ڪر

اٿا نگاور وڪڙ واٽن ۾ سجن سامهون ترڇا ٿي پيو
"جبل ۽ تڪرين کي ڊاهي تون اٿي ميدان پيدا ڪر"

زماني ۾ وڏي دل ڪر اگر بزدل سڪنو ڪو جهو
سوين سلطان پيدا ڪر، عجب جوان پيدا ڪر

جي سمجهين صاف خوشقسمتي ۽ دنيا ۾ ٿيان دائم
اٿي احسن تون احسن ٿي سچا ارڪان پيدا ڪر

## قاضي عبدالحيّ قائل

مديني جا مون کي مولا پسائيندين نظارا
عربي ءَ جا منارا

کين اٿم حبيب ڀر پيسو نه وسيلو
بيڪار پيو حيلو

روئيندين مان وهايان ٿو سڏ گوڙها کارا
نيڻن مان نيسارا

پيرين سان ڪندس پنڌ صرف راهه بتايو
اها وات وٺايو

پيادل هي وڃي هل تون مون کي قافلي وارا
او ناهي خدا را -

قائل جي اها آس خدا اشال پڄائي
مديني ڏي گهرائي

سڪندي مون گذاريون ڪيئي راتيون ۽ ڏهاڙا
سانوڻ ۽ سيارا

# حاجي محمد موسیٰ مشڪور سومرو

قرب جو وهنوار سارو يار گھٽندو پيو وڃي
دل اندر دولاب وارو دور وڌندو پيو وڃي

من ۾ آهي بغض ڪينو پر بظاهر ڪجهه نه آ
اڄ رفاقت جو رڳو آواز وڄندو پيو وڃي

چور ۽ چالاڪ کي دنيا ۾ آهي سڀ مزو
مفت خور و مست آهي روز مڇندو پيو وڃي

شر ڀريا آهي ٺٺا ٺوهڻ زماني ۾ بشر
هن مصيبت ۾ ته مفلس مفت مرندو پيو وڃي

ڇڏ شڪايت تون اڄائي ڪر صفا مشڪور مَن
هيڪلو هر ڪو هتان ڏس هاڻ هلندو پيو وڃي

## عبدالستار رازؔ

جڏهن بہ تون مسڪرائين ٿو صنم
ڇڻ سچا موتي ورهائين ٿو صنم

عاشقن جي اُڃ اُجهائين ٿو صنم
قرب جون بوندون وسائين ٿو صنم

مان ته اُن کي ٻي ٿنا سمجهان پيو
جا بہ تون تهمت لڳائين ٿو صنم

پاڻ وٽ مون کي اچڻ لئه ٿو چوين
مون کي شايد آزمائين ٿو صنم

خواب ۾ اچيو عجب انداز سان
مون کي دم دم ڇو ستائين ٿو صنم

ڪر نظر شفقت جي تون بهر خدا
ڇو اجايو تون رُلائين ٿو صنم

فڪر کان آزاد ٿي ويئي هوند رازؔ
پر ڪٿي تون دل لڳائين ٿو صنم

## مُحَمّد اِبْرَاهيم نيّاز

بس ۾ هڪ ڏينهن سوار ٿي ڪو ڏسي
شهر جو جائزو وٺي ڪو ڏسي

ناظم آباد جا نظارا هاءِ
دل تي قابو اگر رکي ڪو ڏسي

خوش نما دلفريب لالوکيت
وڌ ۾ گهٽ چار ڏينهن رهي ڪو ڏسي

هر طرف ڪان کجور ايندي نظر
شير شاهه هڪ دفعو وڃي ڪو ڏسي

مورڙي منٽ ۾ پهچي ويندو
هن صراحي مان جام پي ڪو ڏسي

سي ڪوارٽر قطار ۾ آهن
کوکرا پاڙ ۾ گهڙي ڪو ڏسي

پنهنجي پڳڙي وڃائي پوندي
جهونپڙي شهر ۾ وڃي ڪو ڏسي

زر کان خالي پيار سان ڀريل
نياز جي دل اندر اچي ڪو ڏسي

# قلندر ڪياري

الاهي ڇو اثر ناهي سندم دل جي پڪارن ۾
نه آيو فرق ڪو يارب سندم لڙڪن جي ڌارن ۾

جڏهن بي گل پڇو ٿي ته لئه مون پنهنجا هٿ وڌايا ٿي
ته ڦاسي ٿي پيس ڏاڍو بڙو هر بار خارن ۾
مگر مون لئه اُهي قصا به افسانا ويا بڻجي
بهارن ۾ به مان گرندو رهيس غم جي غبارن ۾

ٻڌايو مون جڏهن افسانو پنهنجي غم جو دنيا کي
ٿيا پنهنجا پرائي يارب! ٿيس بدناميارن ۾

جواني، اف! جواني، هي ڏکن سورن جو مجموعو
گذاريان ڪيئن حياتي مان غمن ۾ انتظارن ۾

خدايا ڪو ڀلا سمجهي به سگهندو درد هن دل جو
نه آهي حال پرسان هاڻ منهن جو ڪو هزارن ۾

سندم دنيا ۾ سرمايو فقط آهون ۽ اڇنگارون
قلندر بي رکين اميد ڪهڙي ٻي سهارن ۾

## محمد سومار شيخ

انڌيرو اندر ۾ پيو ڪم ڪري
مگر گهر ۾ ڪافي ٻرڻ پيا ڏيا

خلوص و محبت جا داعي ڪٿي
رفاقت جا داعي لڌي پڻ ويا

شڪايت نہ ڪنهن جي ڪريان ٿو سچ
سندم دوست آهن پرايا ٿيا

سڄڻ ٿي گهريا جي سندم من اندر
وڏي خار سي اڄ سڄڻ سي ٿي پيا

نہ ساٿي ڪو ساٿي سان گڏ ٿو رهي
محبت جي ميچ ۾ نہ آهي ضيا

زماني جو انداز ڏس شيخ تون
هئا گڏ سڄڻ سڀ جدا ٿي ويا

## مغل علي نواز نياز رحباڻي

جڏهن پيرپور پيمانه تين تا
تڏهن مخمور فرزانه ٿين تا

جتي ساقي قدم پنهنجو رکي ٿو
اتي پيدا صنم خانه ٿين تا

جتي آ جلوه گر تنهنجي حقيقت
اتي سر ساه نذرانه ٿين تا

نزڪر ڪو دانهن اي دلڙي
جهان ۾ هن جا افسانه ٿين تا

مصيبت ۾ جڏهن مون ڏي اچي
تڏهن پنهنجا به بيگانه ٿين تا

اسان رندن جي منزل جت نياز آهي
اتي تعمير بت خانه ٿين تا

## عاصي کهڙائي

رهيو وفا شعار هتي ۽ نه غمگسار ڪوئي
رڙي ٿو حال پسي پنهنجو حالِ زار ڪوئي

تيو هجي نه سند ۽ ديد جو شڪار ڪوئي
بڌو نه آهي اسان اهڙو رهگذار ڪوئي

بڻائي حسنِ ڪشش کي ٿو دل فگار ڪوئي
نهاري پنهنجي نه تيرا ڪيلي گلعذار ڪوئي

وسائي محفلِ اغيار آهي جو يارن
انهن جي سوز نهان ۾ آ اشڪبار ڪوئي

ڏئي ضمير، اصول ۽ خودي جي قرباني
ڪري سگهي ٿو زماني کي سازگار ڪوئي

فريب خورده رهيس عمر ڀر زماني ۾
ڏٺم نه ڏاڍي سواءِ فريب ڪار ڪوئي

نه آ ضمير فروشي سوا جيئڻ چارو،
چوي ٿو عاصيؔ ۽ گريان کي بار بار ڪوئي

## حڪيم عبدالله اداسي

دل بيقرار آهي ايندو قرار نيث
قدرت کي پاڻ مون تي ايندو پيار نيث

تون اي خزان نه ساڙ سندم برگ بر ڪا جا
ناڪام تون به ٿيندين ايندو بهار نيث

هي آهون داهون منهنجيون آخر اثر ڪنديون
هو سنگدل به ٿيندو مون تي نثار نيث

دل جي ڏکن جو توکي احساس جو نه آهي
دل جي ڏکن جو هندم ٿيندو شمار نيث

جو دلربا ۽ منهنجي ٿو وچ ۾ وجهي نفاق
سو دشمنانِ عشق به ٿيندو خوار نيث

مون کان نه ضبط ٿيندا اشڪِ غمِ محبت
گو ڙها وهن ٿا منهنجا ٿيو حالِ زار نيث

وهم و گمان هرگز ڪر تون نه اي اداسي
توکي سڪون ملندو ملندو قرار نيث

## اظهر سچائي

زندگي ڪي بهار ٿو گهرجي
شورش دل ! قرار ٿو گهرجي

مقصد زيست ناهي مشڪل پر
عزم جو شاهڪار ٿو گهرجي

ظلمت شب کي نور ۾ بدلڻ
اٽ ڪتو انتظار ٿو گهرجي

جام تي جام ڏي مٺا دلبر
هڪ مسلسل خمار ٿو گهرجي

دل جي بيدار ٿيڻ لئه هردم
گريهٔ زار زار ٿو گهرجي

سادگي ۾ قصو ته اظهر جي
هن زماني ۾ پيار ٿو گهرجي

## احقر جُنوئي

ڪر اشاعت دين جي اي هوشيار    چؤطرف توحيد جي تبليغ ڪر
بغل ۾ قرآن ڪڻ هٿ ۾ عصا
لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى

تو ڪيو بدنام پنهنجي نام کي    دين کي ايمان کي اسلام کي
هاوڏا تُنهنجا دنيا جا رهنما
لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى

تو ڪيو مطلب غلط تقدير جو    ڪُجهه دخل اُن ۾ سندءِ تدبير جو
ڪر ڪا حرڪت پوءِ نتيجو ڏس ڀلا
لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى

محض تون مجبور ناهين سمجهه دار    آڪيو آدم کي ربّ ڏِني اختيار
ٿي چيو هي بدر ۾ خيرالورىٰ
لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى

هيءَ دنيا آهي مقامِ خير و شر    هر ذرو ڪيو وڃي ٿو ڪجهه به ڪر
نيڪ کي خُلدِ برين بد لئه سزا
لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى

ڪُجهه عمل پيو فضل ٿيندي ٿئا    ان طرح اَحقر جُتي ويندو شتاب
تُنهنجي حيرت جي نه رهندي انتها
لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى

○ ○ ○

## الهڏنو اداسيءَ جا توي

جانيءَ سوا جهان ۾ گذاري نٿو سگهان
هڪ پل پري پرينءَ کان مان گهاري نٿو سگهان

دل جو ڪيو مون سودو پياري پرينءَ سان آ
هاڻي ته ڪنهن ٻهاني سوواري نٿو سگهان

اگ ڪين مون سنياليو ۽ پڇتايان هاڻ پيو
دل جا وچائي مون سانهاري نٿو سگهان

محفل ڪري مون جنهن سان گذاريو تي روزشب
تنهنکي سڏي مان پيرم ۾ ويهاري نٿو سگهان

سڀڪو سکيو گذاري، مان غمگين ٿو رهان
جا باه دل ۾ پيڙ ڪي، سا ٺاري نٿو سگهان

دريا ۽ عشق اونهون آ تانگهو ڪوناهي تڙ
ان تار مان ته پاڻ کي، تاري نٿو سگهان

رک تون اداسي آسرو الله ۾ سدا،
"لَا تَقْنَطُوْا" جو قول، وساري نٿو سگهان

Soorih Mirani

## چانڊيه علي دوست صابر

دوستداري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟
سازگاري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟

وعدهء فردا تي ئي ڪري با نور،
انتظاري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟

مثل پروان جي مان ٻي تو تان ؟
جان نثاري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟

هار ڳوڙهن جو تاءِ اڄ تو لئه
اشڪ باري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟

ڪيئن محبّت جو تنڊ کولي ڪيان ،
رازداري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟

گڏ تون سهڻا مون کي وڃي ويندين
اڄ تياري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟

شعر منهن جو جي تو کي آيو پسند
طرحداري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟

ساري دُنيا سڏي سچ صابر
بردباري ڪيان ڪيان نه ڪيان ؟

## محمد ابراهيم انيس مهيري

خوشي ۽ غمن جا زمانا ڏٺا سين
ڪئين دربدر خاندانا ڏٺا سين

ڪي شب روز رنجور آهن غمن ۾
ڪئي شاديون شادمانا ڏٺا سين

ڪي محلات ۾ ماڙين ۾ رهن ٿا
ڪئين جا وري خاڪ خانا ڏٺا سين

ڪئين جي گهرن ۾ سدا آهه و زاري
ڪئين وٽ تہ گانا بجانا ڏٺا سين

بهار ايندي بلبل ٿي گايو چمن ۾
قتل ان جا اڄ آشيانا ڏٺا سين

تشدد جو طوفان ويو آهي گذري
ستم جا هزارين نشانا ڏٺا سين

وري بخت ٿيندو رسا پنهنجو يارو
"انيسا" اڪر غائبانا ڏٺا سين

ٿي

Soorih Mirani

## محمد اسمٰعيل سومرو ”سائل“

آسوده دل نه آهي آسودگي نه آهي
ساده لباس آهيون پر سادگي نه آهي

مون وٽ بهار آيو پر خار سان گڏ جي
هڪ روز پي ته گل کي ڪا تازگي نه آهي

جنگِ ذهن ۾ اڪثر آتش جي آزمائش
اي حرفتِ خرد هي مردانگي نه آهي

هڪ ديدگي به ساقي هڪ دور بيو به ساقي
پوري ڪ ذهن به تيئي هي تشنگي نه آهي

صوم و صلوٰة سجده زاهد چڱو هو ليڪن
مفهوم زندگي جو هڪ بندگي نه آهي

ڪلمه ڪهي وٺي ها خالق تي چاهو سائل
مقصد بنا بشر جي ڪا زندگي نه آهي

Soorih Mirani

## محمد ابراهيم منشي سومرو

دکايل دل منشي دلبر هٽين ٿو ڏنگ ڏاهو ٿي
جدائي جي اهاتائين ڪرين پيو جنگ ڏاهو ٿي

حبيبا هجر تنهنجي ۾ ٿيو هيٺون حال آ منهنجو
ڇڏي خاطر چوان توکي ٿو جيورين چنگ ڏاهو ٿي

رقيب الموت کي پهڻ قريبا ڪر قدر تون ڪو
ڦٽ هين فنا ٿيندين نه ٿي دل تنگ ڏاهو ٿي

وصل جي وات پيو ورياٽ سکھو ڪر سيگهه سائل تي
ستائي ڏي جيئي سهٽا نه ٿي دل سنگ ڏاهو ٿي

نظاره حسن جو ڏيئي ڪيئي دلڙي وئين دلبر
وري اچ تان وصل جو ڪو وجهون اچ ونگ ڏاهو ٿي

صنم صدمن سهڻ جي هاڻ طاقت ناهه سيني ۾
تڏهن دل مان پيائي جو ڪيئي چيڙ بنگ ڏاهو ٿي

منا منشي سان محبت جيون گهڻ پيو نگڏ جي گذاري ڏس
حياتي تي بقا ناهه دُنيا دورنگ ڏاهو ٿي

## مولوي محمد نور منگهترانه نونڪ

سدا پاس پرين جي پيا پيا پيون
رقيبن رڪاوٽ جون آيون ڇپيون

هي موسم بهار تي، هي ساقي صراحي
اچو ساقي گڏجي ڪا محفل ڪيايون

ڇوٿين جهڙي ڪي سالڪ مهاڄڻ
انهي رنگ ماڄ مٽيون جا

محبت ميان ئي هڻي ميان ڪي
ويون ڪافرن جون ڏڪي رڪاوٽون

ٿڪو ساٿ نڪت نڪا روح راحت
سهڻي سونهن سيتي نهنگي سٺيون

گنهگار بيڪار بيڪار بندو
مٺا ٿيون ميلئ ڪر مهان ڪيون

نظر جي نوازش ڪرين جي ڪا
ڇوٿين پيون ڪو ٿيون ستاه

نهوڙي ڪر ننڍه ٿي نا اميدي
اڄهه وصل وارا پيون آيون ڪيون

علي انور "اجمل"

"فراق" سنڌي



"استاد" بخاري

"آتش" جوکيو

گل حسن "بیکس"

مشتاق "سچاروي"

Everybody must read it

غلام رسول "شوخ"

" نسیم " ایڑو

"جوکي" سروري

محمد خان "سارنگ"

This is very interesting book.

"جليل" سروري

عبدالله "اداسي"

غلام محمد "مشتاق"



نیک محمد بلوچ

محمد "مجرم" ہوت

امتیاز احمد "سوبو"



خاوند بخش "ساقي"

احمد علي "ادائي"

احسان علي "احسن"

لدين "روشن"



غلام مرتضيٰ "ملازم"

غوث بخش "غمدل"



عبدالغفور "گلشن"

عبدالنبي "خاتم"

هزارو خان "مجاهد"

"اظهر" سچاڻي

"هوش" خانپوري

صالح شاه "بادل"

"ناظم" رانجهاڻي

محمد خان "خوشتر"

"نياز" رجباڻي

غلام محمد "غلام"

"اداسي" جاتوي

"اختر" موراڻي

"غالب" لطيف

عبدالحي "قائل"

"قلندر" لکیاري

عبدال[illegible] "راز"

محمد موسيٰ "مشکور"

نالو : صاحب خان ميراڻي

ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورهه ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڪوٽ ڪبڙو، تعلقه
رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محله
نئون ديرو، تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

اڻ ڇپيل ڪتاب

ڌرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) ١٩٩٥ع

ساڻ سهس ڪجن (شاعري) 2021ع

بره منجهارا بوند (شاعري) 2022ع

صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل


موبائل نمبر : 0344 - 3919786

0300 - 3404488

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

# سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون لوچو وهه لوپار

## صاحب خان ”سورهه“ ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488